جلد ۳۲، نمبر ۴، سال ۱۹۸۳ع



بسم الله الرحمن الرحيم

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. انهن ڪري جن صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طريقي مطابق بي حرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٢] [نمبر ٤

آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر

١٩٨٣ع

•

نگران

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

•

ناشر

غلام رباني آگرو

•

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## ٢ـــ مقالا

١. رسالو غلام محمد خالزئي جو — غلام مصطفيٰ قاسمي — ٥٣

٢. پنهور جا آثار ـ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو — ڊاڪٽر غلام علي الانا — ٥٧

٣. سنڌ ۾ ڪپڙي جي صنعت — ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي — ٦٧

٤. ڪونڙي مغل (شاهه لطيف جي مجازي بستي) — قريشي حامد علي خانائي — ٨٣

٥. ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌ — غلام محمد لاکو — ٩٢

٦. محمد هاشم مخلص — ڊاڪٽر نواز علي شوق — ١٠٠

٧. سنڌ جا فارسي گو حڪمران شعراء — مرزا عباس علي بيگ — ١٠٨

٨. براهوئي قوم ـ زبان ۽ ادب تي سرسري نظر — عزيزالله عزيز بروهي — ١٣٦

## ٣ـــ ڪهاڻيون

١. ٻاڙي ناهه پروڙ — حميد سنڌي — ١٦١

٢. وڏي حويلي — انيس انصاري — ١٦٤

٣. هڪ شخص جو موت — رزاق مهر — ١٧١

٤. ٿڪل پير جا پور — واجد — ١٨٠

٥. ڊارلنگ — ذڪريا، مترجم: ولي رام ولڀ — ١٩٨ [189 ←]

٦. صبحِ ازل (ادب لطيف) — غلام رباني — ١٩١

## ●ـــ خبرنامو

٤. ڪل پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس اسلام آباد — نفيس احمد شيخ — ١٩٩

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# گذارش

مستند هي ميرا فرمايا هوا.

برصغير جي هاڪاري عالم ۽ ڏکڻ ايشيا جي جڳ-مشهور علمي اداري دارالمصنفين شبلي اڪيڊمي، اعظم ڳڙه، يوپي، ڀارت، جي ناظم ۽ روح روان، جناب سيد صباح الدين عبدالرحمان، چيو آهي ته سنڌي ادبي بورڊ، علمي ۽ تحقيقي خدمت جو جيڪو عظيم الشان ڪم ڪيو آهي ان ڪان هُو بيحد متاثر ٿيو آهي.

سنڌ جي سپوت، عظيم محقق ۽ دانشمند جناب پير حسام الدين راشديءَ جي علمي خدمتن جي موضوع تي ليڪچر ڏيڻ ڪان اڳ، سيد صاحب چيو ته پير صاحب مرحوم پنهنجي حياتيءَ ۾ مون کي سنڌي ادبي بورڊ گهمڻ جي بار بار دعوت ڏني هئي، پر مصروفيتن سبب آءٌ اڳ حيدرآباد اچي نه سگهيو هوس. اڄ بورڊ ۾ علمي ڪم جي معائني ڪان پوءِ مون کي ائين چوندي ڪابه هٻڪ محسوس ڪانه ٿي ٿئي ته

”اڄوڪي ڏينهن کي آءٌ پنهنجي زندگيءَ جي بهترين ڏينهن ۾ ڳڻي سگهان ٿو.“

سيد صباح الدين عبدالرحمان صاحب، بورڊ جي ٿيل ڪم تي تحسين ۽ حيرت ظاهر ڪندي چيو ته اعظم ڳڙه علم ۽ فضل جو مرڪز مڃيو ويو آهي. يو.پي ڪان ٻاهر نڪرندي، آءٌ محسوس ڪندو هوس ته علمي ۽ تهذيبي بيت الحڪمت ڪان ٻاهر نڪري رهيو آهيان؛ پر اڄ سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارڪردگي معلوم ڪرڻ ڪان پوءِ آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته اعظم ڳڙه جي بيت الحڪمت ۽ قرطبه هجڻ متعلق اسان ذهن ۾ جيڪو مفروضو قائم ڪيو هو، اهو هاڻي ڪنڊهر بڻجي چڪو آهي. بورڊ، هڪ علائقائي سنڌي زبان ۾ جيڪو علمي ڪم ڪيو آهي مثلاً لوڪ ادب جي اشاعت، اهڙو شاندار ڪارنامو ته ڀارت ۾ قومي ٻولي هنديءَ ۾ به سرانجام نه ڏنو ويو آهي.

پيرصاحب مرحوم جي سنڌس علمي خدمتن بابت زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي، سيد صباح الدين ڪيس "پرنس اسڪالر" سڏيو ۽ فرمايو ته هو علمي تحقيق ۽ تصنيف جي ميدان ۾ هڪ خوبصورت يوناني مجسمي وانگر باڪمال ۽ حسين آهي.

پيرصاحب کي دارالمصنفين اعظم ڳڙه جو محسن قرار ڏيندي، سيد صاحب چيو ته اسان جي اداري تي به پيرصاحب مرحوم جا احسان آهن، جو اُن جي ڏکين ڏينهن ۾ واهر ڪري مرحوم اداري کي مالي پريشانين کان بچائي ورتو. هن چيو ته مون پيرصاحب کي ويجهڙو ڏٺو آهي، ڪيس سمجهيو آهي ۽ سڃاتو آهي، انڪري مان چئي سگهان ٿو ته پير صاحب جهڙو شريف الطبع ۽ فياض، علم دوست شخص ٻيو ڪير به ڪونهي.

بورڊ جي سيڪريٽري جناب غلام رباني سيد صاحب کي جواب ڏيندي سندس فياضانه قدرشناسيءَ جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته اوهان برصغير ۾ جنهن اعليٰ علمي حيثيت جا صاحب آهيو، ان جي بنياد تي اسان اوهان جي راءِ جو پنهنجي ڪم لاءِ سند طور حوالو ڏينداسون.

تقريب ۾ صدر مجلس جناب ڊاڪٽر ايس. ايم. قريشيءَ سان گڏ، نامور عالمن - جناب ڊاڪٽر نجم الاسلام، جناب ڊاڪٽر امجد بيگ، جناب ڊاڪٽر فرمان فتحپوري ۽ پير امجد حسين جيلاني خطاب ڪيو ۽ جناب غلام رباني سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، مهمانن جي شڪريه ادائي ڪئي. سامعين ۾ عالمن ۽ اديبن سان گڏ پيرصاحب مرحوم جي خاندان مان جناب حسين شاه راشدي، جناب سيد پيرشاه (شمن شاه) ۽ ننڍڙي علي رضا پڻ شرڪت ڪئي.

سنڌي ادبي بورڊ جي مخلصانه خدمتن بابت، ڏکڻ ايشيا جي هڪ برک ۽ ممتاز عالم جي تحسين کي، اسان سموري سنڌ لاءِ باعث اعزاز تصور ڪريون ٿا، جنهن ۾ خود اسان جي پنهنجي عزت افزائي ۽ قدرشناسي موجود آهي.

سنڌي ادبي بورڊ، پنهنجي قيام کان وٺي، مختلف مسئلن، مشڪلاتن ۽ گهربل مالي وسيلن جي اڻهوند جي باوجود، پنهنجن مقصدن جي پوئواريءَ ۾ سنڌ جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، سا اهل سنڌ کان پوشيده ناهي. هن کان اڳ مختلف موقعن تي، دنيا جي علمي مرڪزن ۽ ثقافتي حلقن ۽ مجيل بين الاقوامي علمي شخصيتن ۽ هستين، بورڊ جي جيڪا قدرشناسي ڪئي آهي، سا پڻ ڪنهن کان مخفي نه آهي. دراصل اسان بورڊ جي ڪم جي قدرشناسيءَ کي سنڌ جي عزت افزائي تصور ڪريون ٿا.

اهو پڻ طئه ڪيو ويو آهي ته بورڊ جي ڪنهن به عهديدار ۽ ملازم جي تحريرن کي انهيءَ انعامي مقابلي ۾ شامل نه ڪيو ويندو. انعامن جو فيصلو سنڌي زبان جا ٽي ممتاز عالم، اديب ۽ شاعر ڪندا، جن ۾ پڻ بورڊ جو ڪو عهديدار شامل نه هوندو.

جيئن ته هلندڙ سال ختم ٿي رهيو آهي، ١٩٨٣ع جي مواد تي انعام جو اعلان، سَنت ئي ڪيو ويندو. اسان کي توقع آهي ته بورڊ جي هن اعلان کي، جديد سنڌي ادب جي ترقيءَ ۽ همت افزائيءَ لاءِ هڪ نيڪ قدم تصور ڪري، ان کي پسند ڪيو ويندو.

## ماءُ! ڏُنم اج مات مڙهين ۾...!

ويجهڙائيءَ ۾ سنڌي ادب ۽ صحافت جي ميدان ۾، ڪن محترم شخصيتن جي جُدائي کي گهڻي رنج سان ٻڌو ويو آهي:

ميرپورخاص مان، ٤٨ سال ساندهه هفتيوار "همدرد" وسيلي ٿر جي مارو ئڙن جي خدمت ڪندڙ، چاتل سچاتل ۽ بي باڪ صحافي حاجي محمود هالائي، تازو وفات ڪئي آهي.

پڙاڻو ڪهاڻيڪار، اهل قلم، صحافي ۽ جديد سنڌي ادب جو مخلص ڪارڪن عبدالخالق "آزاد" گذر ڪري ويو آهي.

ٺٽي جي ديني نشرواشاعت وارين روايتن جي آخري امين، حاجي عبدالحسين وينجهر، تازو ڪراچيءَ ۾ رحلت ڪئي.

مڃيل ۽ معروف اديب، شاعر، نقاد ۽ تعليمي خدمتگذار شيخ عبدالرزاق "راز" اسان کان جُدا ٿي ويو آهي.

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي پراڻي ميمبر ۽ سماجي ورڪر، پوهومل، وفات ڪئي آهي.

سنڌ جي نامور ديني عالم ۽ جرات مند صحافي شيخ السنڌ مولانا عبدالحق رباني جي وفات تي اهلِ سنڌ کي گهڻو ڏک پهتو آهي.

اردو زبان جو برک محقق ۽ عالم ۽ سنڌي ادب ۽ ثقافت سان بيحد دلچسپي رکندڙ فاضل، پروفيسر ڊاڪٽر محمدايوب قادري، تازو ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو.

اسان، مرحومين جي جُدائين تي گهري ڏک جو اظهار ڪندي، سندن پوين سان همدردي ڪريون ٿا.

— نفيس احمد شيخ

# شاعري

# مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

## غزل

جنونِ عشق ۾ هر دم گريبان شاهديون ڏيندا،
سندم صحرا نوردي جون بيابان شاهديون ڏيندا.

فراق و هجر ۾ ڇا ڇا ٿيو ٿئي، ڇا ڇا ٿيو ڪرڻو هئي،
انهي حالت جون آشفته حالان شاهديون ڏيندا.

اسان الفت ڪئي ۽ پوء اسان جي سر تي ڇا گذري،
سرِ آشفته جا زلف پريشان شاهديون ڏيندا.

اهي بي وصل هم آغوشيون رنڌيون ويون آخر،
هزارين انجم و ماه درخشان شاهديون ڏيندا.

گلِ اميد کي حاصل ڪرڻ جي ڪاڻ، اي يارو!
اتي ڇا ڇا ٿئي ٿيو چاڪ دامان شاهديون ڏيندا.

جهان ۾ يار ايڪي جي بدي ٿيندي گواه آهي،
اسان مستن جي دانائي جون نادان شاهديون ڏيندا.

اسان دنيا ۾ ڇا ڇا ڪڏ ڪيو اي "طالب المولیٰ"،
انهيء جي ثابتي ۾ منهنجا سامان شاهديون ڏيندا.

●

قدم دنيا جي رسمن کان مان بدلائڻ لڳو آهيان،
وري اسلاف جي رمزن کي ورجائڻ لڳو آهيان.

جڏهن معلوم ٿيو مون کي ته دلبر آهه بي پرواهه،
تڏهن مغموم دل تي سور سهسائڻ لڳو آهيان.

ڏنيون جوش محبت مان جُتي تنهنجي کي مون چُميون،
مگر اهڙي به گستاخي کان پڇتائڻ لڳو آهيان.

جبين عقل کي سنگ در جانان تي ورهن کان،
جهڪائي انڪساري سان ساڏائڻ لڳو آهيان.

امید آهي تہ رحم آڻيندو دلبر پنهنجي عاشق تي،
در دلبر کي ورهن کان ٿي ڪڙڪائڻ لڳو آهيان.

يقين آهي، سيئي اهنج ٿيندا سهج اي يار وا
ڪري آه و فغان، محبوب پرچائڻ لڳو آهيان.

محبت ۾ نہ ڏسجي نفع ۽ نقصان کي يارو،
غم سود و زيان کي هاڻ سان ڪائڻ لڳو آهيان.

## حافظ محمد احسن چنا

### غزل

گهڻي مدّت کان پوءِ مون وٽ جڏهن هو منهنجو يار آيو
تہ منهنجي باغ اجڙيل ۾ وري جشن بهار آيو

هزارين بار ناامّيدين ۽ "لنَ" ترانيءَ" بعد
بحمد لله ڪوهِ طور تي هو جلوه بار آيو

سدّن سالن کان پوءِ مون کي دلاسو وصل جو ڀيٽو
دلِ مضطر ۽ غمگين کي هيئنر مس مس قرار آيو

اهي سڀ درد ۽ غم ويا مسرّت مُنهن پسايو آه
زمانو هي وري ساڳيوئي مون لئي خوشگوار آيو

خطائون در گذر منهنجون ڪيون محبوب سڀ هالي
ٻڌي منهنجي علالت جو ٻڌڻ اچ حال زار آيو

ٻڌان ٿو تنهنجي دّر تان ڪوبہ خالي ڪونہ واپس ٿيو
تڏهن هي سائلِ ديدار تي اميّدوار آيو

حياتي ختم ٿي ساري محبت عشق جنهنجي ۾
اهو محبوب مشفق نيٺ منهنجي ٻر مزار آيو

اٿم اُميد تا تنهنجي ٿئي قدمن تي دم پورو
هيءَ احسن آرزو دل ۾ رکي اچ جان نثار آيو

## تنوير عباسي

●

موتي ڇو ٿي ھائين —
تنھنجي اکين ۾ موتين ڪان وڌ جرڪو
موتين کي ڇو ٿي شرمائين
موتي ڇو ٿي ھائين —

سرخي، ڇو ٿي لائين —
تنھنجي لبن تي سرخيءَ ڪان وڌ لالي
سرخيءَ کي ڇو ٿي شرمائين
سرخي ڇو ٿي لائين —

ريشم ڇو ٿي ھائين —
ريشم ڪان وڌ نرم سنڌءَ بُت
ريشم کي ڇو ٿي شرمائين
ريشم ڇو ٿي ھائين —

●

ٿوري وقت جي لاءِ مان جڳ ۾ آھيان آيو ڄاڻان ٿو،
جيڪو وقت گذاريم ھت، مان اھو سجايو ڄاڻان ٿو.

مون جيون جي ھڪ ھڪ گھڙي تہ اجائي ڪين گذاري آ،
پنھنجي دل ۾ پراون جي دل ھردم ھٿي آجاري آ.

دشمن، دوست، پرائو، پنھنجو سڀ کي ڪلي لڳايو آ،
جيڪو وقت رھيو آھيان ھت مون ھٿي پيار وڌايو آ.

جڏھن جڏھن ڪاڻيم گيت تہ پيار محبت وارا گيت،
نفرت منھنجي ليت نہ آھي، نفرت ناھي منھنجي نيت.

## سليم سرهندي

### غزل

خواب ۾ مُرڪڙو ٻڌائي چنڊ چمڪائي ديا،
زلف جي خوشبوءِ سان راتيون منهنجون مهڪائي ويا.

درد جون ڏئي دولتون بخشي غمن جون خلعتون،
ويا هليا ۽ سون کي ساري عمر ورسائي ويا.

ٻئي نچي اڄ دل جي ڌڙڪن سان ساري ڪائنات،
رات هو منهنجي اڱڻ تي پير چمڪائي ويا.

جڏهن ڏٺو منهنجي اڱڻ آيا پرين عيدون ٿيون،
پر ڏئي ڪنهن ڪاڻ منهنجي جيءَ کي جا لائي ويا.

اڄ به لنءُ لنءُ تال ٿئي ڏي جهولي جهولي روح پيو،
سالَ ٿيا هُو سازِ دل تي گيت ڪو ڳائي ويا.

هڪ نظر جي ٻيڪ تو ڪان دل جي جهوليءَ ۾ وٺي،
پيارَ جا پينو سڄي دنيا کي ٺُڪرائي ويا.

ميڪدي ۾ زلزلا آيا جو مستانا سنڌ ۾،
ساري تنهنجا لبن ڇلڪيل جام آڇلائي ويا.

ديس ۽ دنيا کٽي ويا مٿي گُنل هڪ داءُ ۾،
دل جي بازي جيڪي تو ڪان هوت هارائي ويا.

جڏهن ٿريو ياد لَ ولي پَر تنهنجي يادن جا ڪڪر،
وڇڙيون چمڪائي پيئين باهه ٻوڪائي ويا.

داغ ٻهڪيا درد مهڪيا گهاءُ گُلَ ٿي پيا سليمؔ،
هڪ نظر سان دل جو اجڙيل باغ برسائي ويا.

محبوب سروري

## غزل

زندگي سان عشق جو آزار ڏاڍو ٿو لڳي،
تن ۾ہي جو پاڻ ۾ تڪرار ڏاڍو ٿو لڳي.

سان تہ چوندس گل سان شامل خار ڏاڍو ٿو لڳي،
رخ تي اٽڪيل ڪاڪل خمدار ڏاڍو ٿو لڳي.

ٻهرين ڪڏجاڻي، اڪيلائي ۽ موسم دل بهار،
عشق جو ان وقت تي اظهار ڏاڍو ٿو لڳي.

جئن تہ تارن ۾ چٽو ٿو چنڊ چوڏهين جو اڪي،
تئين سين سهڻن ۾ منهنجو يار ڏاڍو ٿو لڳي.

سڀ رضائي يار لئي ٿا سر ڏئي سختيون وڏن،
ورهہ وارن جو اهو واپار ڏاڍو ٿو لڳي.

جنهن گهڙي پرچن ٿا پيارا، پنهنجي ڪاوڙ کي ڇڏي،
پوء ميارن جو مٺان وسڪار ڏاڍو ٿو لڳي.

هڪ وڏي فرقت پڄاڻان يار جي گوڏي مٿي،
ڪو وڇوڙيل برهہ جو بيمار ڏاڍو ٿو لڳي.

مون کي اي 'محبوب' ڏاڍو ٿو وڻي "ها لا" جو لفظ،
هڪ جڳهہ اقرار سان انڪار ڏاڍو ٿو لڳي.

عنايت بلوچ

## وائي

برسي بُوندَ بَهارَ—
تَن مَن جيون جرڪي پوندو.
سونهن توکي سڀ سينگار، سورنهن ئي سينگار.
تنهنجي درشن سان اي دلبرا ٽيندا گل گلزار.
ياد جا اُگر برسيا دل تي، واهہ ڪري وسڪار.
تنهنجي تانگهہ طلب ۾ تڙپان، ميل مٺا منٺار.
توکي پسڻ لاءِ جيئان جڳ ۾، آس اِنهيءَ آڌار.
لحظي اندر لائون لهندا، لينهن ۾ جي لزوار.

## سليم ڳاڙهوي

# هيءَ رات

( ۱ )

زخم ڏياڙيون ڀڄي ويندا،
لاٽ بہ ڀڙڪي ويندي!
ڪارو پردو ڦاٽي پوندو،
اولـده آڏري ويندي!
گذرڻ ويلي ڏينهن چيو،
هيءَ رات بہ گذري ويندي!

( ۲ )

عزم جي تازن گهوڙن تي،
آسان سفر ٿي پوندا!
لينهن جو امرت لوڻ ڪري،
حيوان بشر ٿي پوندا!
گذرڻ ويلي ڏينهن چيو،
هيءَ رات بہ گذري ويندي!

( ۳ )

تنهنجي ڏک ۽ منهنجي ڏک ۾،
فرق نہ ڪوئي رهندو!
هڪڙو بازو ٻي بازوءَ جو،
سور نہ هرگز سهندو!
گذرڻ ويلي ڏينهن چيو،
هيءَ رات بہ گذري ويندي!

( ۴ )

ڪنڊا ڪنجي ڪيتيون ٿينديون،
جهنگل منگل ٿيندا.
سانول ايندو چيچان ساري،
ٿر ۾ جل ٿل ٿيندا.
گذرڻ ويلي ڏينهن چيو،
هيءَ رات بہ گذري ويندي.

( ۵ )

آلهڻ ڪان پوءِ اڀرڻ چالي،
سورج سورج آهي!
صبح جي تاري ڪان ٿي پُڇجو،
تنهنجي من ۾ ڇا هي؟
گذرڻ ويلي ڏينهن چيو،
هيءَ رات بہ گذري ويندي!

( ٦ )

چيخ چيهن جي چهچي ويندي،
گهر گهر ٿيندا چمڙا!
صبح جا لغما ڳائي ڳائي،
سورَ چنبڙيندا پرڙا!
گذرڻ ويلي ڏينهن چيو،
هيءَ رات بہ گذري ويندي.

( ۷ )

ڪوڙ جي قلعي ڪولڻ خاطر،
سچ جا ساٿي ايندا.
گمراهن کي راهہ ڏيکارڻ،
حق جا هادي ايندا.
گذرڻ ويلي ڏينهن چيو،
هيءَ رات بہ گذري ويندي!

## احمد خان آصف مصرائي

### غزل

کوچهٔ جانان ۾ آيس اچ سان دربان کي ڏسي،
جڻ کهي جنت منجهان آيو هان رضوان کي ڏسي.

چٽو ڇڏيو حورن ۾ پڻ حسنِ جانان کي ڏسي،
دلگ رهجي ويون پريون پڻ شاهيءِ خوبان کي ڏسي.

آهه مشڪل هُن جي ڇهري ۾ چٽائي کو ڏسي،
جُوهَرَ پائي ڪيرُ مکهندو شمس تابان کي ڏسي.

سينه کي سهٽا سنوارينديں تہ پيوء ايندو سڪون،
ٿيو پريشان جگ سڄو زلفِ پريشان کي ڏسي.

هر قدم تي پائبوسن جا هُجومن تي هُجوم،
جڻ قيامت ٿي بپا رفتارِ جانان کي ڏسي.

جيئن جو ختم‌الانبيا آيو نبوت ختم ٿي،
سڀ صحيفا ٿي ويا منسوخ، قرآن کي ڏسي.

مون وڌايو دست خستہ هُن جي دامان کي ڏسي،
سايهٔ دامن ڪيائين پنهنجي ٿي شان کي ڏسي.

غرق ڪر آصف! تون پنهنجي جرم وعصيان کي ڏسي،
رک مگر اُميد ڪافي، فضلِ يزدان کي ڏسي.

## تاجل بيوس

●

منهنجي ننڊ ڦٽائڻ آئي آ،
تنهنجي ياد ستائڻ آئي آ.

منهنجي پرين جي روپ چورائي،
مون سان ڪيئن تہ ليائڻ آئي آ.

مون کي پنهنجو ساجن سمجهي،
مون سان دل وندرائڻ آئي آ.

روپ لڪر جي رالي بشجي،
مون کان گيت لکائڻ آئي آ.

’بيوس‘ جن کا سالهن آهي،
منهنجا گل چورائڻ آئي آ.

## نواز علي شوق

### نعت

آ سدا تنهنجو وسيلو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ،
تو سوا ٻيو ڪير منهنجو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ.
مان ڪٿي جنّت گهران ٿو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ،
بس ڏسايو پنهنجو روضو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ.
ڏور منزل، پنڌ اهنجو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ،
آسرو تنهنجو رهي ٿو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ.
ڪوڙ ڪچ مون آ ڪمايو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ،
پُر سچو ٻاهن سان ڀيرو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ.
منهنجي سر تي ٿي رهي هردم ٻرايڻ جي پري،
ڪير ٻيو مون جهڙو هوندو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ.
ڪجهه نه ٿو ڪونين ۾ مون کي کپي توکان سواءِ،
ٿئي عطا هڪ عشق تنهنجو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ.
عرض آهي حشر ۾ حامي ٿجو هن 'شوق' جا،
ات ڪرم پنهنجو ڪجو ڪو، يامحمّد مصطفيٰ ﷺ.

## رحيم بخش "قمر"

### وائي

ونجهه هٿو ۽ ونجهه، او مانجهي،
ونجهه هٿو ۽ ونجهه!!

ڪاريءَ رات جو ڪڙڪا ڪن جا،
سير ۾ ساجهر سنجهه، او مانجهي.
ونجهه هٿو ۽ ونجهه!!

مالنگر مچ کي مڙس لئي ماريو،
ڏور ڪيو سڀ ڏلجهه، او مانجهي.
ونجهه هٿو ۽ ونجهه!!

'قمر!' ڪناري ڀهڻ جي ٿي،
مٺيا ساٿهوءَ منجهه، او مانجهي.
ونجهه هٿو ۽ ونجهه!!
ونجهه هٿو ۽ ونجهه!!

# ندير انصاري

## غزل

نظر جا رنگ تو بخشيا گلن کي،
ملي وئي برق سان نسبت چمن کي.

حلاوت جا ملي تنهنجي چپن کي،
ملي خيرات ان سان شاعرن کي.

زماني وٽ تہ پنهنجو ڪجھ بہ ناهي،
ٿو دهرائي پراڻن تجربن کي.

پڙهايو موت کر زنده رهڻ جو،
جوانن سر فروشن سالڪن کي.

ستارن جو سُڪون برباد ٿي ويو،
ڏسي تنهنجي اکين ۾ ماڪن کي.

اوهان جي بيرخي جي مهرباني،
سڃاتم راهبر ۽ راهزن کي.

اثر باد خزان جو آهَ ۾ آه،
حفاظت ۾ خدا رکجان گلن کي.

ازل کان حسن جي آ بادشاهي،
انهيءَ کان زينت آ هر انجمن کي.

نظر منهنجي ڍڪايا تو ڪي جلوا،
خدا قائم رکي هن پيرهن کي.

انهيءَ جي دَمَ سان ويرانا وسن ٿا،
تو سمجهيو ئي نہ آ ديوانہ پن کي.

"نذير" آيو آ شايد انجمن ۾،
عطا جو ٿي ويئي لذت سخن کي.

## تاج جويو

(١)

لڪ لڪ طعنا، سَوَ سَوَ سُهڻون،
سڪجهه سِر تي سهبو،
سنگ سڄڻ جي رهبو!
ڏڙ سيمي، ڪان ڏار ٿيو تہ ڀي،
آف نہ وات ان ڪڍبو؛
جيڪو دل جون ڳالهيون ڄاڻي،
سُور اُهي، سان سَلبو!
چندن وڻ اڱڻ ۾ ٻوڪي،
آن جي لامن لُڏبو!
"حسين" فقير نماڻا! جڳ ۾،
جيئڻ خاطر مربو!
سنگ سڄڻ جي رهبو!

(٢)

ڪهور وڃان مان تو تان سائين،
مَنَ جا مهر ٻهار!
ڪڏهن تہ پاڻ پساهہ امان کي،
پريتم پردي دار!
ٿوڙي من جو ڪاڙو ڪيڏو،
پل پل ٿُنهنجي سار!
چوي "حُسين" فقير نماڻو،
ساڻ هجين هر وار.

(شاهہ حُسين جي پنجابي ڪافين جو ترجمو)

## نور شاهين

### رباعيات

ڪا پنهنجي عطا پنهنجي گنهگار تي ڪر
دارو جي نظر پنهنجي تون بيمار تي ڪر
تا حشر نظر منهنجي به سيراب رهي
ڪا اهڙي نظر تشنهء ديدار تي ڪر.

هن دل ۾ اها باهه سڙي ڀڙڪي ٿي
جڻ آهي ڪا بجلي جا مٿان ڪڙڪي ٿي
لرزش ۾ اچي آهي وئي دنيا جڻ
شاهين ڪَٿي جان ائين ڦڙڪي ٿي.

ماضي جي گذرگاه کي تون ياد نه ڪر
ڪنهن ڪوڙي تمنا تي وري شاد نه ڪر
ڪر حال جي منزل جي ڪڙاين تي نظر
اي دل تون مونکي هاڻ ته برباد نه ڪر.

هر جام سڙي عشق جي سڀ ماڳ سڙيا
خود عشق سڙيو آه! سندس پاڳ سڙيا
هر راڳ محبت جو ٺري آه ٻٺيو
سڀ سوڻ سڙيا عشق جا ۽ لاڳ سڙيا.

تون آهين محبت جي اٿئي بي خبري
سان آهيان ۽ دردن جي اٿم چاره گري
توسان ٿيا رهن جورو جفا، عيش و طرب
مون سان ٿيو رهي پيار ۽ آشفته سري.

بازار محبت جا خريدار آهيون
خود درد ۽ دردن جا طلبگار آهيون
دل ۾ ڪي جنون خيز ذخيرا آهن
اسرار غم عشق جا انبار آهيون.

## نثار بزمي

### سڱ

وارو ڪَرِ ڪو وارو يارَ! وقت وَڃَڻي ٿو اڳتي وَڌندو

(١) سانگين جي ڪا سارَ لڌي ٿي؟
ڪَنڪَرَ آئيو آ ڪارو يارَ!

وقت وَڃَڻي ٿو اڳتي وَڌندو

(٢) سيڄَ ٻه پنهنجي سکڻ وڃائي
ٻوهه سنئي ٿو ٻارو يارَ!

وقت وَڃَڻي ٿو اڳتي وَڌندو

(٣) لوچڻ ۽ سوچڻَ جي ڏاران
ڪهڙو آهي چارو يارَ!

وقت وَڃَڻي ٿو اڳتي وَڌندو

(٤) ڪوڙ لسورو ڳالهائي ٿو
جوڳيءَ وارو ڏارو ٻارَ!

وقت وَڃَڻي ٿو اڳتي وَڌندو

(٥) جاڳُ ڪَوي! هن سانٽِ سڃي ۾
لوڪُ سُتو آ سارو يارَ!

وقت وَڃَڻي ٿو اڳتي وَڌندو

(٦) راتِ ڪَٽڻَ ڀي اُٿي آهي.
باقي ھڪڙو تارو يارَ!

وقت وَڃَڻي ٿو اڳتي وَڌندو

(٧) "بزمي" توکي سمهڻ لڳو آ
ڪهڙو هالي پيارو يارَ!

وقت وڃڻي ٿو اڳتي وَڌندو

## غلام حسين رنگريز

### ڪافي

نہ وسرن ٿا مونکان منهنجا ملڪ واسي،
آهن جي تہ در جي آءٌ ٻانهي آءٌ داسي.
پلي ٿو بہ ٿيلي، عمر مٺاڪ پيلي،
ڪبي ڪول ڪڏهن ڪا دلڙي اداسي.
نہ وسرن ٿا مونکان منهنجا مٺاڪ واسي.
ولن ڪين مٺيءَ ڪي عمر طعام تنهنجا،
انهن کان تہ بهتر لسي پٽ ٻاسي.
نہ وسرن ٿا مونکان منهنجا مٺاڪ واسي.
ٿڌا ٿر بہ ٿيندا، وسي ٻر بہ ويندا،
ميڙي ايندا بادل جڏهن پورا لاسي.
نہ وسرن ٿا مونکان منهنجا مٺاڪ واسي.
ٻڌي ٿي بہ بادل پيا منهنجي ٻروسي،
وطن ويندو ساروئي خوشبو سان واسي.
نہ وسرن ٿا مونکان منهنجا مٺاڪ واسي.
چئي چند چالداڻ رنگريز ٿيندي،
اجهو بس وهامي ويندي رات اماسي.
نہ وسرن ٿا مونکان منهنجا مٺاڪ واسي.

## اياز گل

### وائي

سپنا ساپيا ساڻ
هيل تہ خوشيون آڻ
ڏاڍا ڏکَ مليا هن.
چاهت پنهنجي پور پور
جذبا رتو چاڻ
ڏاڍا ڏکَ مليا هن.
يادن آندي ٻاڻ سان
اکڙيئن ۾ آلاڻ
ڏاڍا ڏکَ مليا هن.
ڪيئن منهنجي حال تي
رُنس جنهنجي ڪاڻ
ڏاڍا ڏکَ مليا هن.
جندڙي جهوني لاو آ
وقت جهڙين مهراڻ
ڏاڍا ڏکَ مليا هن.

نياز همايوني

## ڪلام

اکيان جو ماهي چاتيان،
ٿيان صبح اسانڏيان راتيان!

سکيا مُرڪڻ سيڏي ٻار جڏان، ٿيسَن قتل غريب ڪَٿان ۽ ڪڏان،
آسان هُڻ ٿي ڪفنيان ڀاتيان!

تيڏا مُکڙي جيها ماڻ ٻرن، ڪيوين ڪٿيسين اسان ڪون ماڻ ٻرين،
اسان لُڪ لُڪ ڀاندي جهاتيان!

ٿسان چاتا ڳهڙا سٽ ڀانهن سٽيان، ساڏي سُرت دي ٻيڙي ٻوڙ ڳيان،
اهي چُوليان جيهيان ڇاتيان!

وچ مقتل ٻجهندي روز فغان، جاڳيا عشق جڏان ٿيسين عام تڏان،
آپي ڪُسڻ تي ميسيان آتيان!

ساڏي عمر وهاڻي رُوهان تي، ساڏي لڙڪ گواه الدوهان تي،
اسان وَل ول ڀريتيان تاتيان!

ڪائي آيل آداسيان آهان دي، ڪائي چانوڻ اکيان راهان دي،
وانگ ڪونجان لنوندي اون لاتيان!

ٿسان سيج تي چند ستاري ميان، دل کنهن دي سُجدي ساري ميان،
اسان الڳ سُهانيان لاتيان!

لکين کهابل آهڻي گوندر دي، ٻجين نام نڪالي وندر دي،
اِتان دَر دَر آيان ڪاتيان!

تيڏا حسن تي وصل دي آس عجب، پلا عشق تيڏا ماهي ٻار غضب،
بن موت مريندهان ماتيان!

ساڏا عشق ٻي هڪ اقرار ٻي هڪ، ساڏا روپ "نيازن" ٻار ٻي هڪ،
تيڏي حسن ديهان لک ذاتيان!
ٿيان صبح اسانڏهان راتيان!

## مير محمد پيرزادو

### گيت

تنهنجو جيءُ جهڙاليون آهي
پر هه تہ تنهنجي پيشانيءَ جيان
تنهنجا مد مستوارا نيڻ، تنهنجا پيارا پيارا نيڻ!
آسن آندا جوان اسڪ
پوئين رات، چڙا ۽ چمڪ
تموريءَ پار اڌورا پاسن، سانوڻ رُت، رسيلا رنگ
پن پن مون لئه پاراتو ٿيا،
وڻ وڻ بڻيا آهن ويڻ
تنهنجا پيارا پيارا نيڻ!

رات نہ رهندي آهي فاني
صبح تہ اچڻو آهي جاني
هر ڪنهن ڪرڻي پرڻي رهندي، پر نہ ٿيءَ جو وڃي نشاني.
نيٺ تہ پرچي مرچي ايندا،
مون وٽ منهنجا سهڻا سيڻ
تنهنجا پيارا پيارا نيڻ!
جن جا دل ۾ درد هزار
اڄڻا آهن اڄ سي پار،
ايندڙ جي لئہ هڪ هڪ پوئي، ڏاهج هيڏا سارا هار.
منهنجا ڳوڙها موتي چونڊي
منهنجي پر ۾ ويهي پيڻ
تنهنجا پيارا پيارا نيڻ!

## واجد

### غزل

تن ۾ تنهنجي تات رهي،
لڙڪن جي برسات رهي.

مور، پپيها، ڪوئل چُپ، ڳيرن ۾ پڻ مات رهي.
سچ سڙي پڻ سرهو ٿيو، مصلحتن جي مات رهي.
جذبن ۽ احساسن تي، چانيل ڪاري رات رهي.
هيل اسان جي وستيءَ ۾، ڏاڍي چپ چپات رهي.
رنجيده ماحول رهيو، هر دل ۾ هيهات رهي.
نفرتن جي نرڳ اندر، مڙندي هر سوغات رهي.
جيوت جي هن جيل اندر، قيدي منهنجي ذات رهي.
ماڻ جي هن ماندائي اندر، جاڳيل منهنجي ذات رهي.

## سوز هالائي

### غزل

رات جي نيڻن ۾ هيڪاندو ڪجل،
ٿهليل ماحول ۾ خوشبو ڀنل.

سونهن جي هٿڙن تي ميندي جو لڳل،
باڪ جي آهجاڻ جو آهي بدل،

رُت بسنتيءَ جي اماسي رات ۾،
ڪيترو آڪاش آ نکري پيل.

ماهه سهڪي ۾ ”لش“ پرجي وئي،
آ هوائن جي هٿن ۾ ”سر منڊل“.

هر ستارو جڻ ڏياريءَ جو ڏيئو،
هر ڏسا ۾ جوت جرڪل جرڪيل.

چنڊ ڪي شايد وئي ڪا اک لڳي،
هو ڳوٺن راتين جو آ اوجاڳيل.

جڻ ته ڪو تنڙ تي تماچي ٿو اچي،
جاڻ ٿي ڪينجهر هندوءَ جي مهل.

روز جي وايون وصالن جون ٿين،
روز لکيا، ڳائيا، سهڻا غزل.

## ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

### اُڀرڻ بعد

جڏهين ٻنهي گڏجي سڏجي،
ٻنهنجا جيون، جوين جڏ با—
هڪ ٻئي کي اڀريا هئاسين.

تڏهين ائين لڳو هو مون کي،
ساڀيا هئي يا سپنو هو ڪو،
يا ڌرتي ۽ آڪاس مليا هئا،
۽ وقت جو گهوڙو بيهي ويو هو،
رسمن جي ديوار ٽٽي هئي،
خوابن کي تعبير مليو هو.

جڏهين ٻنهي گڏجي سڏجي،
ٻنهنجا جيون، جوين جڏ با—
هڪ ٻئي کي اڀريا هئاسين.

### منهنجي ديد

ديد اسان جي،
جڻ ڪا تنهنجي—
پاليل هرڻي!

ماڻهن جي هجوم ۾ هوندي،
تو کي ڏسندي،
لڄندي ٽپندي،
پڇندي ڪڏندي،
تو وٽ ڪيئن آڪاءُ ڪري ٿي.

ديد اسان جي،
جڻ ڪا تنهنجي،
پاليل هرڻي!
ڏاليل هرڻي!!

## نعت

الصلواة والسلام اي صاحبِ جود و سخا،
الصلواة والسلام اي پيڪرِ مهرووفا.

مون محبت ۾ رنڌا روڙيا اهي اڄ ڪر قبول،
پيش نذرانو ڪيان ٿو، صدق دل سان سيدا.

تو محبت سان زمانو آ ڪيو زير اثر،
اي يتيمن ۽ غريبن جا محافظ پرجهلا.

جهل جا ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا عالم مٿي،
پردهٔ ظلمت هٽائي، تو ڇڏيا نورالهديٰ.

پاڻ جيڏن ۾ سٺو ۽ پارڙن ۾ تون مٺو،
هر ڪنهن توکان سکي، شفقت محبت جي ادا.

تون بزرگي ۾ خدا کان پوءِ آهين باليقين،
شان شاهي آهي تنهنجو اي امام الانبيا.

مشڪ ڪستوري کان وڌ آ تنهنجي پيرن جي مٽي،
قيصر و ڪسريٰ کان تنهنجي درجو وڌ آهي گدا.

حق ۽ انصاف جو بس آهين تون بيشڪ امين،
دشمنن يڪراه ٿي تنهنجا مڃيا ٿي فيصلا.

رلند ويچارا پريشان ساقيءِ ڪوثر ٿيا،
پيار تن کي پيار سان پيالو پرين سرور سچا.

قاب قوسين آهه ٿيو معراج تنهنجي عشق جو،
"عابد" و معبود جي وچ مان ويا سڀ فاصلا.

## علي نواز صابر نظاماڻي

### نعت

هي ساهه سر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!
جان و جگر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!

قربان قدمن جي مٿان تنهنجي غلامن جو غلام،
اولاد گهر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!

سڀ دوست دلوارا فدا، مائٽ مٺا پيارا فدا،
مادر پدر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!

تنهنجي اشاري سان سڄڻ ٿيو معجزو ”شق القمر“،
شمس و قمر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!

صديق صدقي تو مٿان، قربان حيدر تو مٿان،
عثمان، عمر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!

الله جي رستي ۾ ٿيا پيارا شهيدِ ڪربلا،
نورِ نظر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!

’صابر‘ ملائڪ سڀ فدا، غلمان ۽ حورون فدا،
جِنّ و بَشر تو تان فدا، منهنجا مٺا يا مصطفيٰ!

## ذوالفقار سيال

### غزل

ڪنهن آ اوتيو زهر هوا ۾،
ڪٿ لڳي وئي هر دعا ۾.

پل پل ٿي هٿ داوَ لڳن ٿا، جيون جڻ ڪا آهي جوئا ۾.
اکين ۾ ڪي آلا سانيدي، دوست ٻڌ آيا هيل عطا ۾.
شهر ۾ ٿي هي هل ويو آ، ’ذلف‘ ٻه هارايو آهه وفا ۾.

## احمد خان مدهوش

### قطعات

سچ دار جي تختن تي ساڙيو،
”ڪ آس کي سوريءَ تي نه چاڙهيو،
انسان زماني کي ڏنا جنهن،
ان آس جي صورت کي نه بگاڙيو.

ڦرين جي ڪتابن کي نه ڦاڙيو،
الفت جي صحيفن کي نه ساڙيو،
پيو ڪجهه به نه پڙهيو ته نه پاڙهيو،
هڪ درس محبت جو ته پاڙهيو.

هاڻ وقت جي سيني کي لتاڙيو،
ٿيي مرڻ اڳيون ڀويون اکيڙيو،
پيو ڪجهه نه ڪريو ڪجهه نه ڪريو پر
غفلت جو مٿو منهن ته چتاڙيو.

پنهنجن سان ڦتايو نه بگاڙيو،
غيرن جي مهارن تي نه پاڙيو،
هر حال جي حالات کي پرکيو،
احساس ڪريو، وات نه ڦاڙيو.

نادان ٿي هڪ ٻئي کي نه تاڙيو،
دنيا جي درندن کي پڇاڙيو،
حيوان کي صحرا ڏي پڄايو،
انسان کي انسان ڏي لاڙيو.

جذبن کي نه چنبن سان چٻاڙيو،
ذهن کي نه پيرن ۾ لتاڙيو،
مدهوش يقينن جي ٻمن سان،
خدشات جا محلات اجاڙيو.

انيس انصاري

# سنڌوءَ جو ڪنارو

درياهه ۾ رواني آ، — دلبر جي جواني آ،
شاعر به جوان آهي، — موسم به سهاني آ.

سنڌوءَ جو ڪنارو آ، — جذبن جو سهارو آ،
ساٿي به مليو بيشڪ، — دنيا کان نيارو آ.

درياهه جون اٿي ڇوليون، — موتين سان ڀرن جهوليون،
لغما ٿيون ڳائن جينءَ، — مادر جون مٺيون لوليون.

سامهون هو افق تي ڪينءَ، — بادل ٿا بهاري ڪَنَ،
ڳاڙها ۽ گلابي ٿي، — جادو ٿا هو طاري ڪن.

ڏس هو ٻاهه جو گولو، — سنڌوءَ ۾ ٽٻي ڏي ٿو،
ٿڪ پنهنجي سفر جو هو، — وهنجڻ سان وڃائي ٿو.

هي واري ڪناري تي، — جت ڪٿ جا آڏامي ٿي،
ليلائي هوا جي ڪي، — مجنون جان فدا ٿئي ٿي.

اولهه کان هوا آئي، — باقي ٿي ختم تائي،
جلوي ۾ غرق ٿي ويو، — فطرت جو تماشائي.

اي سنڌوا سنڌ ٿورا، — لاهي نه ٿا سگهجن،
ڳڻ تنهن جا ڳڻڻ واري، — ڳائي نه ٿا سگهجن.

## مظهر جلباڻي

### غزل

تـوکي دل هـي سـاري سـاري ٽڪجي ٿي آ،
پنهنجو پـاڻ کي ڳـاري ڳـاري ٽڪجي ٿي آ.

هـردم تنهنجي ٽـالـي ٽـني اي سهڻل سائين،
کيل بـازيـون هـاري هـاري ٽڪجي ٿي آ.

سونهن ساگر مان پـار پيڻ جي ڪاڻ پرين،
آس جـون پيڙيون تـاري تـاري ٽڪجي ٿي آ.

ڏنـڌ ڪوهـيـڙي اونـده مشڪل پيوس بن ۾
انـڌ اڪس ۾ ڪهاري ڪهاري ٽڪجي ٿي آ.

سالن ڪان ٿي واڳـ وصـل جـي وارڻ خـاطـر،
ڏکـ جا ڏونـگـر ڏاري ڏاري ٽڪجي ٿي آ.

چڻنگـ دکي جا انـدر جـي هـر عضوي ۾ آ،
تنهنکي پـيـارا ٺـاري ٺـاري ٽڪجي ٿي آ.

ڪيـڏن پـلا طـوفـان لـڳـو ۽ لاٽ اجهائي،
پـيـهـر تنهنکي پـاري پـاري ٽڪجي ٿي آ.

ڪيس جهليان ٿو ڪيس پليان ٿو جهل پل تي هو،
مظهر مـون کـي مـاري مـاري ٽڪجي ٿي آ.

## عاجز ڪريم پوري

### غزل

تـاڙي جيئن تـنـواريـان ويـنـو !
ڪـهڙا يـار پڪاريـان ويـنـو؟

روح رلـي ويـو آهـي جـن مـان؛ سـنـگـدل سـي ٿـي ساريان وينو.
پَل پَل جـن جـا، آلـڪـا اولا، هـنـجـون تـن لئه هـاريـان وينو.
جـيءُ ۾ جـن لـئـه، جايـُون جاني، تـن لـئـه ڪانـگـ اڏاريـان ـوينو.
ڪوئي ڪنهن جـو ڪونهي عـاجـز، سـاڳـيـو روح رُئـاريـان وينو.

## محمد شريف ”طالب“

### غزل

هرين هيار وارا، جُدا ٿي نه جالي،
اچي ڪر تون مون تي ملي مهرباني.

وڇوڙي ۾ ورهين جي هر رات آهي، منهنجي تن اندر ۾ تنهنجي تات آهي.
آهي ڪونه سهڻا تنهنجو مٽ نه ثاني!

لڳي ڪانه ڪڏهين ڪا هڪ هٽ سان تاڙي، اچي پيله پڌ تون چڙهان عشق چاڙهي.
ٻنهي جي سجائي ٿئي زندگاني.

ڪريان ٿو مان توکي مٺا ياد هر هر، مناسب نه توکي، رُلائين ٿو در در.
رهيو ڪين ڪنهن جو حُسن ۽ جواني!

طلب مان پيو ”طالب“ سدا توکي ساري، مٺا ائين نه وڃ تون محبت ۾ ماري.
تنهنجي آئون ٿينديس ٻانهن جي ٻانهي.

## سيد پناهه شاهه ڏاڏاهي

●

عنايت جا هردم اسين آهيون طالب،
محبّت جا هردم اسين آهيون طالب.

ازل کان اٿئون ڪوڙ ڪيني کان نفرت، صداقت جا هردم اسين آهيون طالب
ڪمي دين ايمان عزّت اسان کي، نه دولت جا هردم اسين آهيون طالب.
اجايا فسانا پسند ڪونه ڪريون، حقيقت جا هردم اسين آهيون طالب.
صحابي نبي جي قيامت ۾ رب کان، شفاعت جا هردم اسين آهيون طالب.
سياڻپ پهلواني لنهايت پياري، طبيعت جا هردم اسين آهيون طالب.
”پناه شاهه“ ساڻهون هجي يار اهڙي سعادت جا هردم اسين آهيون طالب.

## مجاهد راڏ ٽائي

●

رنڊو من ٻرچائي ڪير،
يارن کي سمجھائي ڪير.

رستي جو ڪو واقف ناهي،    منجهيل ماڳ رسائي ڪير.
ذهن ۾ ڇوليون آهن تيز،    مائيون پار، ڪرائي ڪير.
منهنجي من کي، مونجهه ۾ آئي،    آخر تو تڙپائي ڪير.
ميندي ۽ بدلي خون هٿن کي،    مانجهي مرد لڳائي ڪير.
ساري عمر رني هي ۽ دل آ،    اڄ ته هن کي ڪلائي ڪير.
ٻاهر جا ٻاري ويو آ ڪوئي،    ان کي هاڻ وسائي ڪير.
سوچون ٿو هر، ڪنڊا ڳوٻا،    دامن تن ڪان ڇڏائي ڪير.
ڪير ٿو ڄاڻي، ٻو ڇا ٿيندو،    ڪولي صاف، ٻڌائي ڪير.
هرڪو نفرت، نفرت چاهي،    قرب جي وک، وڌائي ڪير.
حال جو محرم، حال ڇڏي ويو،    ڳڏجي عيد ملهائي ڪير.
آهي "مجاهد"، شاعر منجهيل،    الجهيل کي سلجهائي ڪير.

## مظهر لغاري

### غزل

سانتيڪي تنهائي آهي،
اونده، جوت نه ڪائي آهي،

للڪي نلڪي لاو هتي ڪا،    آڌي ۽ ويلا آئي آهي.
ڦٽڪي ٿو پروانو، هوڏي،    شمع ڪنهن ته جلائي آهي.
ايئن نه ڄاڻو ٿڪجي پيا هون،    هي ۽ ٻه نيڙي ساهي آهي.
رڃ ۾ ڪائي رڙ ٿي آ، جنهن،    مٽي جي ننڊ ڦٽائي آهي.
ٻن ۾ ايهي ڪنهن ٻنواسي ۽،    ڪائي شاهه جي وائي آهي.
مظهر تون زنداڻ مان ٽڪين،    هر زنجير ڳهائي آهي.

## سرفراز راڄڙ

●

اوهان جو بهارن کان پڇبو،
حسين تر نظارن کان پڇبو.

وڇاين سون اکيون جتي ٿي،
انهن رهه گذارن کان پڇبو.

خوشي سان ڪاڏاسون ڏوڪا،
ته هو ڇا سهارن کان پڇبو.

شبِ وصل وقت وداع ڇيئ،
پلا ڪين پيارن کان پڇبو.

## سيد ماڪن شاهه رضوي

### غزل

ديد وارن سان مٺا دم دم دغا ڇا جي ڪري،
يار پنهنجي کي ڇڏي ٻي سان وفا ڇا جي ڪري.

منهن مٿي هاڻي نقابون ڇو وجهي ٿو تون هلين،
حال محرم ٿي ڪري، هاڻي حيا ڇا جي ڪري.

سوز غم ۽ سور دل کي، دلربا ڏاڍا ڏنئي،
هاڻ جاني هي جدائي جي سزا ڇا جي ڪري.

ٿي مسيحا دل جي دردن جون دوائون ڪر اچي،
عام هئڙن ساڻ عاشق کي، دوا ڇا جي ڪري.

ڪر يقين تون يار جاني، بي يقيني آ بُري،
هيئن ڀرين اعتبار ٿوڙين ٿو صفا ڇا جي ڪري.

نينهن لائي يار ڀرين پوءِ نه پوئيواري ڪيئ،
يار سان ٿو تون ڪرين، جاني جفا ڇا جي ڪري.

تو نياڻ جو سڄڻ آن رات هو واعدو ڪيو،
پر وساريئ يار سي وعدا وفا ڇا جي ڪري.

ڪوز 'ماڪن شاهه' جهڙو، ٻيو ڪوئي سلندءِ مٺا،
تون انهيءَ سان پي ٿئين ٿو، بيوفا ڇا جي ڪري.

## خليل لاکير

### وائي

رم جهم رم جهم رُت برساتي،
ٿئي تنهنجو مَن ويڳاڻو!

سُندر تُنهنجا نيڻ آداس، تنهنجا زلف ٻہ ڄڻ آڌ راتي.
ٿئي تنهنجو مَن ويڳاڻو!

ڪنهن جي اوسيئڙي ۾ ايذي، تنهنجي تي آ دلڙي آتي.
ٿئي تنهنجو مَن ويڳاڻو!

هاءِ غضب جي لوڙ ٽلين ٿو، جذبا تنهنجا هن جذباتي.
ٿئي تنهنجو مَن ويڳاڻو!

ڏيهه سڄي جون نظرون تو ۾، هرهڪ ساٿي تنهنجو ڀاتي.
ٿئي تنهنجو مَن ويڳاڻو!

ڪير ’خليل‘ ڪو سينو ساهي، تنهنجي رُڪ جي آهي ڇاتي.
ٿئي تنهنجو مَن ويڳاڻو!

## شيخ عبدالحليم ”جوش“

### قطعا

پاڻ ڪان پاڻ پري آهيان مان،
تون چوين ٿو تہ مان گهر ۾ آهيان،
پنهنجي سورن جي ٿي صحرا ۾ حليم،
مان زماني ڪان سفر ۾ آهيان.

—

سچ تہ پيٺو نہ سدائين،
ڪوڙ ڪي ڏوڙني ٽيٺو هوندو،
دل جي ڳالهہ زبان تي آئي،
زهر جو پيالو پيتو هوندو.

موٽيس تہ بابا کي بہ هاراڻي چڪي هئس
منهنجي جيون کي داءُ تي لڳائڻ ڪان پوءِ!
هاڻي آئون آهيان ۽ منهنجي ماءُ!
خيال روز اچي ڀوت جيان لڳندا آهن
۽ ننڊرا بہ شايد وٺي آهي رُسي.
'ممي! مون کي Vilum-2 ڏي

آئون ٽورو سمهڻ ٿي چاهيان'،
هُتي ڏاڍي ٿڌ آهي!"
امان جي سيني لڳي چوان ٿي
۽ پوءِ ڳوڙها سپ بند ڀڃي وهي ٿا اچن!
"ٽورو سمهڻ ٿي چاهيان!
آئون جتان هلي هيس اڄ اتي ئي اچي بيٺي آهيان
سچ تہ، آئون ڪيڏي نہ ڇري آهيان!

## نيما ڪوثر

### ڪوئل اچن ۽ ڪوڪ

دور جنهن وڻ تان
ڪوئل جي
بي چين ڪندڙ ڪوڪ
منهنجي من پاتال سان
ٽڪرائجي رهي آهي
تنهن اياڻي ڪوئل جو ميت بہ،
شايد منهنجي
پريتم جيان
رٺل آهي.
اي!
ڪوئل ور ور
اچين نہ ڪوڪ.

## بخشڻ مهراڻوي

### ڪوتا

ٽڙيل مکڙين،
چنڊ جي چانڊاڻ ۾،
گلن جي سڳند ۾،
پرہ جي گيتن ۾،
سونهن ڀريل نظارن ۾،
سهڻن جي ڏيهہ ۾،
توکي ڏسندو رهيو آهيان.
تون!
مون ڪاڻ،
اهو ساز آهين،
جنهن جي سُرُ ڌُن تي،
زندگيون رقص ڪنديون آهن.
جي اهو ساز نہ رهيو.
تہ ـ مان ـ مان ـ نہ رهندس!!!!

### بشير احمد ”شاد“

## گيت

آءُ تہ ٻاريون لاٽ، او پيارا،
آءُ تہ ٻاريون لاٽ.

دنيا ساري پياسي، جنهن کي،
پيار جي آڄ آسـاٽ، پيارا،
آءُ تہ ٻاريون لاٽ.

رات انڌيري ٻنڌ ڀريرو،
لاهي سونهن واٽ، پيارا،
آءُ تہ ٻاريون لاٽ.

ڪونڪو ميهڻ وسي ٿو، ناهڻ،
ڪنوڻيون ڪاڏا ڦاٽ، پيارا،
آءُ تہ ٻاريون لاٽ.

ڪو تہ اجالو آئي جڳ ۾،
ڪو تہ ڪري چمڪاٽ، پيارا،
آءُ تہ ٻاريون لاٽ.

### شمس صابر

## غزل

نگاهِ ناز سان مون کي نهاري تون نہ ماريں ها،
لڳائي دل صنم سُهڻا نہ مون کي تون ڌڪاريں ها.
ڪيئن جي قول الفت جا سندم آغوش ۾ دلبر،
اهي اقرار ۽ انجام تون هڪوار پاريں ها.
ڀڃائي ٻول ٻاجهارا ۽ پنهنجو رازدان سمجهي،
سڄي محفل ۾ مون کي تون تہ ڪوڙي ڪڏ وڌاريں ها.
سندم ٿي روبرو جاني رقيبن سان ڳهڻ تنهنجو،
ستم ”صابر“ سهي ها چو اگر تون هوش ڌاريں ها.

# مـــقـــالا

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# ڀنڀور جا آثار ـــ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو

ڀنڀور جي کنڊرن ۽ قديم آثارن پنهنجي سيني ۾ واديءَ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، ثقافتي ۽ سماجي تاريخ جا دفتر سانڍي رکيا آهن. جيتوڻيڪ آثار قديم جي ماهرن طرفان هنن آثارن کي ديبل بندر جا آثار ثابت ڪيو ويو آهي، پر اڃا به ڪي عالم ۽ سڄاڻ انهيءَ راءِ کي غور طلب راءِ سمجهن ٿا ۽ انهيءَ راءِ کي قطعي ۽ آخري راءِ تسليم نٿا ڪن.

١٩٥٦-٥٧ع ۾ پنهنجي پي- ايڇ- ڊي واري ٿيسز تي تحقيق جي سلسلي ۾ مون ٺٽي طرف واري ساري سامونڊي ساحل جو سفر ڪيو هو. اُن زماني ۾ ڀنڀور جي اڃا کوٽائي ڪانه ٿي هئي، اها سڄي ايراضي دڙن جي صورت ۾ هئي. البت قلعي واري ديوار جا ڪي آثار نظر اچي رهيا هئا. ان وقت جنهن جهوني مرد مون کي اهي دڙا گهمايا هئا، اُن جي چوڻ موجب هنن آثارن کان سواءِ سمنڊ اندر پيا به ڪيترائي آثار موجود هئا. ان مان رتو ڪوٽ، جاڪي بندر ۽ ديبو، مون ونيجي ۽ پوهارن وٽان ڪارين ذريعي، هُڙن وسيلي وڃي گهمي ڏٺا هئا ۽ سرزمين تان سڪا ۽ پيو به ڪجهه سامان هٿ ڪيو هو.

ڀنڀور جي کوٽائيءَ سنڌ جي قديم تاريخ جا اهم باب کوليا آهن. هن کوٽائيءَ مان اهو ثابت ٿيو آهي ته هت اسلامي دور کان به اڳ ڪيترن ئي خاندانن جي حڪومت رهي آهي. هنن دڙن جي کوٽائيءَ مان اهو پڻ ثابت ٿيو آهي ته هن شهر ۾ مسلمانن اٺين صديءَ کان وٺي رهڻ شروع ڪيو هو ۽ سڀ کان اول جن مسلمانن هت رهڻ شروع ڪيو هو، سي عرب هئا، جيڪي تيرهين صديءَ عيسويءَ تائين هت رهيا. انهن حقيقتن جو ثبوت اُموي دور جا آهي سڪا آهن، جيڪي آرڪيالاجي کاتي جي ماهرن کي کوٽائيءَ مان هٿ آيا هئا.

پر حقيقت هيءَ آهي ته هي شهر مسلمانن جي سنڌ تي فتح کان به گهڻو اڳ آباد هو. اُن سلسلي ۾ جيڪي ثبوت مليا آهن، اُنهن ۾ اهم ثبوت هڪ ته اهي سڪا آهن، جيڪي اسلامي دور کان اڳ جا آهن ۽ پيا اهي برتن آهن، جن تي ارڌناگري ۽ لاڙي يعني لوهاڻڪي رسم الخط ۾ ان وقت جي ٻوليءَ جا لکت ۾ نشان ۽ آثار ملن ٿا(1). هتان جيڪي بُت لڌا

---

(1) Khan F.A., Bhambhore, Karachi, Department of Archaeology, Govt of Pakistan, IV Edition, 1976, P 15.

ويا هئا، تن مان هڪ تي هڪ عورت جي چهري جا سڀ نقش چٽيءَ طرح اڀريل آهن ۽ ان جي مٿي تي خاص قسم جو لباس آهي. ان کان سواءِ هڪ برتن تي هڪ نهنڊڙ جوڙي ۽ سورج مکيءَ جون تصويرون پڻ اڪريل آهن.

انهن کان سواءِ هتان مليل ٺانون تي جاميٽريءَ جي ڊزائين جون شڪليون، نقش، چٽ، گل، انساني ۽ حيواني جسن ۽ دريائي ٻڪي، مڇي، نانگ، مور، هاٿي، هرڻ ۽ ڪن گلن ۽ ٻوٽن جون شڪليون، جن ۾ سورج مکيءَ جو گل ۽ ڪنول جو گل، ان کان سواءِ سج اڀرڻ وغيره اڪريل نظر اچن ٿا. ان کان سواءِ مٽيءَ جا برتن، رانديڪا، جانورن ۽ انسانن جون مورتيون هتي جي فن ۽ فنڪاريءَ جو ثبوت ڏين ٿيون (١).

ڀنڀور مان لڌل سامان نه فقط هن شهر جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ بيان ڪري ٿو پر ان سامان جي مطالعي جي مدد سان، وادي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جي تاريخ تي چڙهيل پڙدا هٽي وڃن ٿا ۽ ائين' ته معلوم ٿئي ٿو ته هن تهذيب جي تاريخ، آمري، ڪوٽڏيجي، موهن جي دڙي کان هلندي، مختلف تهذيبن جا اثر تسليم ڪندي، ماضيءَ ۽ حال جي وچ ۾ رابطو رکندي، ڀنڀور واريءَ تهذيب سان پنهنجا ناتا جوڙيندي، اڳتي سفر جاري رکندي هلي رهي آهي.

آرڪيالاجي کاتي جي ماهرن کي ڀنڀور مان جيڪي گهڙا برتن مليا آهن سي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائيندي چون ٿا ته اهي ٺانوَ ڪاري سمنڊ جي اتر ۽ اوڀر واريءَ قديم تهذيب سان واسطو رکن ٿا. انهيءَ تهذيب جو زمانو هڪ صدي ق. م. کان شروع ٿئي ٿو ۽ هڪ صدي ق. م. ۾ ختم ٿئي ٿو. ڪاري سمنڊ جي اتر ۽ اوڀر جي قديم رهاڪن کي ساڪ يا سٿيا سڏيو ويو آهي. ساڪ يا سٿيا قوم هڪ صدي ق. م. ڌاري قديم ايران کان هت آئي.

ماهرن جو خيال آهي ته هن واديءَ ۾ هڪ صدي عيسوي ڌاري "پارٿيا" قوم جي ماڻهن، ساڪن (سٿين) جي جاءِ والاري. هن قوم ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو، پر سندن تهذيب يوناني هئي. ڪاري سمنڊ جي اوڀر ۾ اتر جي انهن قديم قومن يعني سٿين ۽ پارٿين جي تهذيب ۽ ثقافت جو جيڪو سامان ڀنڀور مان لڌو آهي، تنهن وادي سنڌ جي ثقافت جي تاريخ ۾ هڪ نئون ۽ اهم باب کوليو آهي (٢).

پر هن ڏس ۾ ڀنڀور جي کوٽائيءَ واري رپورٽ ۾ ڇاپايل مواد کان اڳتي ڪا به تحقيق ڪانه ٿي آهي. خبر نه آهي ته اسان جي ماهرن ۽ مورخن ڀنڀور جي کوٽائيءَ واريءَ رپورٽ کي آخري رپورٽ يا آخري تحقيق سمجهي هن ڏس ۾ پنهنجو قلم ڇو رکي ڇڏيو آهي ۽ اڳتي سوچڻ لاءِ ويچار ڇو نه ڪيو آهي؟ ٿيڻ ته هيئن کپندو هو ته ڀنڀور واريءَ رپورٽ ۾ جن جن پهلوئن طرف ڊاڪٽر ايف. اي. خان طرفان اشارا ڪيا ويا هئا ۽ جن جن نقطن طرف

(1) Khan. F. A, (Ibid).
(2) Khan F.A. Op. Cit: PP 11 & 12.

پنيور واريءَ لکت جي مطالعي کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته هتي لوهاڻڪو يا لاڙي رسم الخط، اردناگري رسم الخط ۽ مالواري رسم الخط رائج هئا، جنهن جو ثبوت عرب سياحن جاحظ، ابن نديم ۽ البيروني‌ءَ جي بيان مان ملي ٿو. هن سلسلي ۾ جاحظ (٨٦٤ع) لکي ٿو:

"سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو، انهن جو هڪ خاص سنڌي (هندي) خط آهي...... (الخ)" (١)

مسعودي (٩٥٧ع) لکي ٿو:

"سنڌ جي زبان هندستان کان مختلف آهي. سنڌ اسلامي ملڪن سان قريب تر آهي. مهانگر يعني ولڀراه جي سلطنت جي تختگاهه جي بولي ڪڙي آهي. هيءَ انهيءَ طرف ۽ پسگردائيءَ جي زبان آهي، مگر ثقيل آهي. سامونڊي ساحل، چيمور، سوپاره ۽ ٿاڻي وغيره ساحلي شهرن جي زبان "لاڙي" آهي." (٢)

ساڳيءَ طرح بشاري مقدسي (تصنيف ٩٨٥ع) لکي ٿو:

"ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي، هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن، هتي جا رهاڪو زياده تر هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي طغيانيءَ جي وقت شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي. هتي جا باشندا واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي زبانون ڳالهائين ٿا"(٣).

اهڙيءَ طرح ابن نديم (٩٩٥ع) جو رايو آهي:

"سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن، ۽ رسم الخط متعدد آهن. هن جا تقريباً ٻه سؤ رسم الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ ٩ رسم الخط رائج آهن... الخ"(٤)

بلڪل ساڳيءَ طرح البيروني لکي ٿو:

"ڏکڻ سنڌ ۾ ڪاري واري خطي ٿاڻين، مالوشائو (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي مالوالي به چئبو آهي. ٻهمنوا (منصوره) ۾ سئندو رسم الخط ڪم ايندو هو. لاڙي خط لاڙديس ۾ ڪم ايندو هو. اردناگري رسم الخط ڀاٽيا ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو"(٥).

---

(١) جاحظ: "رساله فخرالسودان علي البيضان"، اردو ترجمو، "هندوستان عربون کي نظر مين" اعظم ڳڙهه، دارالمصنفين، ١٩٦٠ع، ص ٤٧.

(٢) ابو الحسن مسعودي: "مروج الذهب و معاون الجوهر" اردو ترجمو، حوالو ڏنو ويو آهي، ص ٢٨٨-٢٨٩.

(٣) بشاري مقدسي: "احسن التقاسيم في معرفتہ" ايضاً، ص ٣٨٥-٣٨٦.

(٤) ابن نديم: الفهرست، ايضاً، جلد دوم، ١٩٦٢ع، ص ٣-٤.

(5) Edward C-Sachau, Alberuni's India, kegan Pual Trench Tribner London, 1910, P. 173.

ان جي پڙهڻي آهي (رمبريها پٽ) "پٽ" مان مراد ته ريشم آهي، پر رمبريها ڇا آهي ان تي سوچڻو پوندو. ممڪن آهي ته ڪو ريشم جو قسم هجي.

ٻي ست هن ريت لکيل آهي:

ان جي پڙهڻي آهي "ڏيرو هنبرو".

ٽين ست ۾ هي اکر لکيل آهن:

ان جي پڙهڻي آهي "ننڊو".

انهن نگرين جي پڙهڻيءَ مان خبر پوي ٿي، ته ان وقت ڪهڙو ڪهڙو ڪپڙو يا ٻيو سامان عام طور وڪامندو هو. ڪپڙين شين جو واپار هلندو هو، ڪهڙا ڪهڙا رنگ استعمال ٿيندا هئا. هنن نگرين جي اڀياس ڪان پوءِ سنڌ جي معاشي ۽ سماجي حالت ۽ ماڻهن جي نفسيات، سنڌ طبيعت جي لاڙن، تهذيب ۽ تمدن جي باري ۾ ڪافي ڪجهه چئي سگهجي ٿو(۱).

(پنيور نئشنل سيمينار ۱۹۸۳ع ۾ پڙهيل)



---

(1) Khan F. A. Op. Cit, P. 15.

ٻن جي وچ تي راڪيٽ جي صورت وارا اڇا ڪڪر آهن؛ انهن کي راڪيٽ وارا ڀوتڙا چيو ويندو آهي. ڪن کي وري هڪ رنگي وڏي ڪني ٽيندي آهي. اهڙيءَ اٽڪل سان اهي ڀوتڙا آڻيا ويندا آهن، جو چوڪڙيءَ وارو ڀيٽي جو ليڪو وچ تي هوندو آهي، ڀر ڪني ۾ نه ايندو آهي.

ڀوتڙن جو اهترو تہ ڪپ آهي، جو سکر ۽ خيرپور ضلعن جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ تمام وڏي تعداد ۾ ڀوتڙا کهرائيندا آهن. هينئر هٿ سان هلندڙ آڏاڻن کان سواءِ پاور لوم (مشين) تي ڀوتڙا تيار ٿين ٿا.

## ماخذات

### انگريزي


(1) Sir John Marshal, Arthur: Mohen jo Daro and the Indus Civilization, London, 1931. Vol: 1.

(2) N.C. Majumdar: Explorations in Sind, 1934.

(3) Herodotus (included in "Great Books of the Western World", Editor in Chief: Rolurt Maynard Hutchins, Vol: 6, Chicago, 1971.

(4) E. Gibbon: History of the Decline and fall of Roman Empire, Vol: I: VII, London.

(5) Encyclopaedia Britanica, vol: 6, 1968.

(6) Manick Pithawala: The Indus and its Navigation in Karachi, 1937.

(7) Ishwari Tope: Indian Civilization, Vol: 6, 1948.

(8) William Vincent, D.D: The Voyage of Nearchus from Indus to Euphrates, London, 1766.

(9) James Tod: Annals and Artiquities of Rajisthan, London, 1914.

(10) R. Hughes Thomes: Memories on Sind, 1855, Reprint 1979.

(11) Nicolos Manuchi: Travels through Mughal India, 1653-1708, English Trans: William Jruine, 1913, Reprint 1976, Lahore.

(12) Gazetteer of Karachi Dist. Bombay 1919.

(13) Gazetteer of Sukkur Dist: Bombay, 1928.

(14) Gazetteer of Hyderabad Dist: Bombay, 1920.

(15) Gazetteer of Tharparkar Dist: Bombay, 1920.

## سنڌي

١٦. رحيمداد خان مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، سنڌ يونيورسٽي، ١٩٥٢ع.
١٧. رحيمداد خان مولائي شيدائي: جنت السنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٥٨ع.
١٨. چچلاڻي: سنڌ جي اقتصادي تاريخ، سنڌي ترجمو: سراج الحق ميمڻ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٧١ع.
١٩. ڊاڪٽر نبي بخش قاضي: مقالو: "سنڌون"، شايع ٿيل سه ماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، جلد ١٧، نمبر ٣.

## عربي

٢٠. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي: بذل القوة في حوادث سني النبوه، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٦ع.

## اردو

٢١. علامه سيد سليمان ندوي: عرب و هند کے تعلقات، هندوستانی اکادمي، اله آباد، ١٩٣٠ع.
٢٢. مولانا مسعود علي ندوي: هندستان عربون کی نظر مين، دارالمصنفين اعظم گڑھ، ١٩٦٠ع.
٢٣. خورشيد احمد فاروق: عربي لٹريچر مين قديم هندوستان، ندوة المسلمين دهلي، ١٩٦٢ع.
٢٤. نکولاس منوچي: هندوستان عهد مغليه مين (اسٽوريا ڊوموگر) اردو ترجمه: ملک راجا شرما، ناولسٽ ايجنسي، لاهور.
٢٥. اعجاز الحق قدوسي: تاريخ سنڌ، مرکزي اردو بورڊ، لاهور، ١٩٧٤ع.




قريشي حامد علي خانائي

# ڪوٽڙي مغل

## (شاهه لطيف جي مجازي بستي)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي تذڪره نگارن ۽ مقدمين سندس باري ۾ جيڪي ڪجهه لکيو آهي، سو اڃان تائين سطحي آهي. سنڌ جي عالمن ۽ اديبن هن وقت تائين شاهه صاحب کي اسان سنڌ وارن جي اکيان صرف هڪ روپ ۾ پيش ڪيو آهي، اهو آهي شاهه صاحب جي تصوف وارو روپ، پر شاهه صاحب جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڪيترين ئي ڳالهين اڃان تحقيق طلب آهن، جن تي اسان کي تحقيق ڪري، مفصل روشني وجهڻ گهرجي. دراصل شاهه صاحب جو رسالو سنڌ جي سرزمين جي هڪ پوري تاريخ آهي ۽ سنڌ اندر ٿيندڙ واقعن ۽ حقيقتن کي لطيف سائينءَ پنهنجي عوامي شاعريءَ جي ويس ۾ اشارن ۽ ڪناين ۾ پيش ڪيو آهي. اهڙا ڪيترائي ان دور جا تاريخي واقعا سندس زندگيءَ سان واسطو رکن ٿا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي جنم جي هنڌ جي باري ۾ پڻ اڃان تائين سنڌ جي اديبن ۽ عالمن ۾ اختلاف پيو رهيو آهي. شاهه صاحب جي ڪن سوانح نگارن سندس جنم جو هنڌ ”هالا حويلي“، ته ڪن وري ”ڀٽي پور“ ڪري لکيو آهي. انهيءَ متعلق شمس العلماء مرزا قليچ بيگ لکي ٿو ته:

> ”شاهه عبداللطيف، جنهن کي گهڻو ڪري ”شاهه ڀٽائي“ يا ”ڀٽائي گهوٽ“ يا ”ڀٽائي بادشاهه“ ڪري سڏيندا آهن، سو سال ۱۱۰۲ هجري مقدس يا ۱۶۸۹ عيسوي، حيدرآباد ضلعي جي هالن جي تعلقي ۾ ڪتياڻ جي ڳوٺ ويجهو ”ڀٽي پور“ ۾ ڄائو هو. سندس جنم جي جاءِ ”هالا حويليءَ“ ۾ هئي، جا ڀٽي پور جي لڳ ڏکڻ اوڀرلدي ڪنڊ ڏي هئي. جنهن گهر ۾ شاهه صاحب ڄائو هو، اتي هاڻ هڪڙي مسجد جوڙائي ويئي هئي، جا اڃان تائين نصير واهه جي ڪلهي تي بيٺل آهي.“(۱)

مرزا قليچ بيگ مرحوم جي انهيءَ مٿين بيان ۾ تضاد نظر اچي ٿو. مرزا صاحب پهرين شاهه صاحب جي جنم جو هنڌ ”ڀٽي پور“ ۾ ڄاڻائي ٿو ۽ پوءِ وري اڳتي هلي ”هالا حويلي“ ۾ سندس جنم جي جاءِ ٻڌائي ٿو. حالانڪ اهي ٻئي ڳوٺ سندس ئي لکڻ موجب الڳ الڳ آهن.

غلام محمد لاکو

# ٻارهين صدي هجريءَ جي سنڌ

[ ٻارهين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري، مرڪزي ايشيا جي هڪ سياح، محمود بن امير والي بلخي، ننڍي کنڊ جي سياحت ڪئي. وطن واپس ٿيڻ بعد، هن "بحرالاسرار" نالي هڪ ڪتاب لکيو. هي ڪتاب تازو ڪراچيءَ ۾ ڇپيو آهي، جنهن مان سنڌ بابت مواد، هيٺ ترجمي ۽ حاشين سان پيش ڪجي ٿو.]

## محمود بن امير والي بلخي

محمود ۱۰۰۴ھ/۱۵۹۵ع ۾ بلخ ۾ ڄائو ۽ اعليٰ تعليم بخارا ۾ ورتائين. ابتدا ۾ سڄو ڌيان شاعريءَ ڏي ڏنائين، جنهن ۾ مختصر ڄمار ۾ ڇهه ڪتاب (محبت نامہ، گلڪدہ، نجرالثاقب، نزهةالارواح، اخلاق حسني ۽ ديوان هڪ عدد) ترتيب ڏئي سگهيو. ليڪن شاعر جي حيثيت ۾، ڪيس ڪو خاص رتبو حاصل نہ ٿيو. ان بعد تصوف ڏي ڌيان ڏيس، جنهن ۾ پڻ هڪ ڪتاب "روح الطيبہ" نالي لکيائين. افسوس جو سندس مرشد ميرڪ شاه‌الحسيني سنت ئي فوت ٿيو، جنهن سبب مورڳو زندگيءَ مان نراس ٿي پيو ۽ مختصر مدت بعد ننڍي کنڊ جي سفر تي روانو ٿيو.

محمود بلخ مان ۱۰۳۴ھ-۵-۱۶۲۴ع ۾ روانو ٿيو ۽ پهرين محرم ۱۰۳۵ھ (سيپٽمبر۱۶۲۵ع) تي لاهور پهتو، جتان هو هلال آباد آگري پهتو. هي سياح هتان ڪان پٽنا ۽ ڪن ٻين شهرن مان ٿيندو، وچ ذوالقعد ۱۰۳۵ھ برابر جولاءِ ۱۶۲۶ع ۾، حيدرآباد (گولڪنڊو) پهتو. محمود پوءِ ڏکڻ انڊيا جي ڪجهہ شهرن مان گهمي ڦري، سيلون جي سفر تي روانو ٿيو.

هي سياح سيلون جي سفر کانپوءِ، سوماترا جي سفر لاءِ اسهيو. بدقسمتيءَ سان اها ٻيڙي، جنهن ۾ محمود پڻ سفر ڪري رهيو هو، طوفان جي ور چڙهي وئي؛ ان ڪري سفر ڪندڙن جو قافلو محمود سميت، اچي اوڙيسا جي ڪناري پهتو ٿيو. محمود والي پوءِ اوڙيسا جي تختگاهہ ڪٽڪ پهتو. هي صاحب، هتي جي گورنر محمد باقر جي دوست ۽ مهمان جي حيثيت ۾،

ڊاڪٽر نواز علي "شوق"

# محمد هاشم مخلص

## (اديب، شاعر، صحافي ۽ مزاح نگار)

سنڌ جي مشهور اديب، صحافي ۽ مزاح نگار محمد هاشم مخلص جي ولادت سنه ١٨٦٠ع ۾ ٺٽي ۾ ٿي. ابتدائي تعليم حافظ محمد يوسف جي مدرسي ۾ حاصل ڪيائين. پوءِ ڪجهه وقت پنهنجي والد جو ڪاروبار سنڀالڻ لڳو. جڏهن سندس ٻيو ڀاءُ محمد دائود جوان ٿيو، تڏهن اهو حڪمت ۽ ڪپڙي وارو ڪاروبار اُن جي حوالي ڪيائين ۽ پاڻ پنهنجي والد بزرگوار سان سير سفر ڪندو رهيو. سرڪار خلاف سخت مضمون لکڻ سبب، ان جي عتاب هيٺ آيو. سنه ١٩٠٤ع کان ١٩١٣ع تائين هندوستان جي مختلف رياستن ۾ روپوشيءَ جي زندگي گذاريائين. ڪجهه وقت جوڌپور ۾ حڪمت به ڪيائين. اتي محمود علي نالي هڪ وڪيل سان سندس دوستي ٿي ويئي. هو به سندس ذهانت کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ کيس پنهنجو مشير مقرر ڪيائين. مختلف رياستن جي وچ ۾ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ محمود علي کيس پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. اهڙيءَ ريت هن ڪيترين ئي رياستن جو سير سفر ڪيو.

ان زماني ۾ خلافت تحريڪ سنڌ ۽ هند ۾ شروع ٿي چڪي هئي. مخلص مرحوم ان تحريڪ جي جلسن ۾ باقاعدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو، جتي وڏن وڏن عالمن ۽ سياسي رهنمائن سان سندس ملاقات ٿي ۽ دوستاڻا تعلقات پيدا ٿيا.

مخلص جي شاعريءَ جي ابتدا ٺٽي کان ٿي. کيس پنهنجي گهر ۾ ئي شاعرانه ماحول مليو. ان کان علاوه اتان جي ادبي سرزمين سندس شاعرانه ذوق شوق ۾ واڌارو آندو. ڪجهه وقت کان پوءِ هو ٺٽو ڇڏي، حيدرآباد هليو ويو، تہ اتي کيس اهڙو وڌيڪ علمي ادبي ماحول ميسر ٿيو ۽ سندس طبع جا وڌيڪ جوهر کلڻ لڳا.

مخلص کي شعر و شاعريءَ تي وڏو عبور حاصل هو. هو في البديهه ڪيترائي شعر چئي ويندو هو. سندس ڪلام ۾ بيحد رواني آهي. هن تمام گهڻو ڪلام چيو آهي، پر افسوس جو اڄ ڏينهن تائين سندس ڪلام جو ڪو مجموعو شايع ٿي نہ سگهيو آهي. سنڌي ادبي بورڊ يا سنڌالاجيءَ کي سندس ڪليات ڇپرائڻ گهرجي، جو تہ مخلص جي شاعري ان دور جي سياسي،

مرحوم جيئن تہ بنيادي طور هڪ مزاح نگار اديب ۽ شاعر هو، تنهن ڪري هن اخبار ۾ طنز و مزاح وارو مواد پڻ شايع ٿيندو رهندو هو.

مرحوم پرڳڙي جڏهن بمبئي ڪائونسل ۾ لاہي ۽ وسائي بند ڪرائڻ جي تجويز پيش ڪئي، تہ مخلص مرحوم ان جي فائدي ۾ زوردار ادارتي لوٽ لکيا. ان ئي عرصي ۾ مخلص جو هڪ صحافتي مخالف مولانا نورمحمد نظاماڻي پنهنجي اخبار "نور اسلام" ۾ مخلص جي خلاف لکندو رهيو. ٻئي وڏا قابل شخص هئا. وڏي ڳالهہ تہ ٻئي مزاح نگار هئا. ٻنهي جي دلچسپ ڏي وٺ ڪجهہ عرصو هلندي رهي. جيڪڏهن حقيقت جي نگاهہ کان ڏٺو وڃي تہ ان قلمي جنگ ۾ مولانا نور محمد نظاماڻي مخلص کان مٿيرو رهيو. مخلص مجبور ٿي جيڪب آباد ۾ مولانا نظاماڻيءَ جي خلاف بدناموسيءَ جو ڪيس ڪيو. مولانا نورمحمد نظاماڻي پير علي محمد شاهہ راشديءَ جي خلاف بہ لکندو رهندو هو. پير علي محمد راشدي صاحب مٿس بدناموسيءَ جو ڪيس ڪيو. اها ڳالهہ ١٩٢٤ع جي ڳالهہ آهي.

"مسلمان" اخبار ڪڏهن ١٢ تہ ڪڏهن ١٦ صفحن تي شايع ٿيندي هئي. اخبار جي پهرين صفحي ۽ الدرين ۾ پڻ ٽن صفحن تي مخلص مرحوم جا تازه نظم شايع ٿيندا هئا. مخلص هن اخبار ذريعي "ميرپورخاص گزيٽ" جي ايڊيٽر گرڏني مل (١). حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، پير محبوب علي شاهہ جهنڊي واري ۽ شمس الدين بلبل خلاف هڪ محاذ قائم ڪيو.

ان کان علاوهہ هفتہ وار تنظيم جي ايڊيٽر نواب خالقداد خان عاجز سان سندس ادبي ڏي وٺ هلندي رهندي هئي، مطلب تہ هو اڪثر اخبارن ۽ الهن جي ايڊيٽرن خلاف لکندو رهندو هو، ڪڏهن اصولي اختلافن سبب، تہ ڪڏهن وري ذاتي رنجش سبب. ٻر هن سڀ کان گهڻو روزانہ الوحيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي خلاف لکيو. نہ صرف ايترو بلڪ هن مولانا دين محمد وفائي ۽ مولانا عبدالڪريم چشتي کي بہ معاف نہ ڪيو، انهن جي خلاف بہ ڪي نظم لکيائين.

بهرحال، ان حقيقت کان ڪو انڪار ڪري نہ سگهندو، تہ سنڌ وري مخلص جهڙي همہ گير شخصيت پيدا ڪري نہ سگهي. سنڌي ادب ۽ صحافت جو هيءُ ستارو ٢٥ ورهين جي ڄمار ۾ سنہ ١٩٢٤ع ۾ هميشه لاءِ غروب ٿي ويو.

طنز ۽ مزاح مخلص جي زندگيءَ جا اهم جزا هئا. طنزيہ ۽ مزاحيہ شاعريءَ ۾ سندس اعليٰ مقام آهي. طنز و مزاح ۾ مرحوم شمس الدين بلبل، مولانا نور محمد نظاماڻي ۽ محمد هاشم مخلص جو ڪو مٽ ملڻ مشڪل آهي. مخلص انگريز ۽ انگريز جي چاڙتن جا خوب چوڏا لاٿا، هن پنهنجي سياسي ۽ نظرياتي مخالفن سان بہ خوب مُلهون ڪيون. ڪيترن کي اهڙا ادبي ڏنگ ڏنائين، جي سڄي عمر انهيءَ سور ۾ ڪنجهندا رهيا سندس طنز جي تير ڪيترائي پير، مير، وڏيرا ۽ امير زخمي ڪري وڌا.

---

(١) ڪاڪو گرڏنو مل ۽ مخلص صحافت ۾ هڪ ٻئي جا مخالف هئا، پر ذاتي طور تي پاڻ ۾ دوست هئا.

مرزا عباس علي بيگ

# سنڌ جا فارسي گو حڪمران شعراء

## تاريخي پس منظر

خداداد مملڪتِ پاڪستان جي صوبي سنڌ ۾ اسلامي تاريخ جو آغاز سنه ٩٢هه (٧١١ع) ۾ محمد بن قاسم جي فتح سنڌ کان ٿئي ٿو، جتي تقريباً ٽن سؤ سالن تائين عرب حڪومت برقرار رهي. هي علائقو مسلمانن جي عظيم‌الشان حڪومت جو جزو بڻيو رهيو، جنهنجو مرڪز پهرين دمشق ۽ پوءِ بغداد هو. هي اهو زمانو هو جنهن ۾ سنڌين ۽ عربن جي مابين سياسي ۽ معاشرتي اختلاط پيدا ٿيا.

عباسين جي عهد جي عربي ڪتابن ۾ سنڌ جي اهل علم ۽ ارباب قلم جا اسماء گرامي ملن ٿا. سنڌي مسلمان بغداد جي دربار ۾ علماء فضلا، حڪما ۽ اطبا جي اعليٰ عهدن تي فائز هئا، جتي هو ترجمي ۽ طب جون خدمات سرانجام ڪندا هئا.

خليفي المعتمد عباسي، سنڌ جو نظم و نسق، مشهور ايراني يعقوب بن ليث صفاري کي سنه ٢٤٧هه (٨٦١ع) ۾ سپرد ڪيو، جنهن بعد سنڌ ۾ فارسي ڙبان کي آيرڻ جو خاصو موقعو مليو (١).

چوٿين هجري/ڏهين صدي جا ڪي مورخ، سياح ۽ جاگرافيدان سنڌ ۾ فارسي زبان جي روزافزون مقبوليت جي طرف اشارا ڪن ٿا. اصطخري ۽ ابن حوقل جي قولن مطابق صفارين جي عهد ۾ منصوره ۽ ملتان جا ماڻهو سنڌي ۽ عربي ڳالهائيندا هئا ۽ مڪران ۾ مڪرالي ۽ فارسي ڳالهائيندا هئا. بشاري کان پڻ منقول آهي ته ملتان ۾ فارسي جا چاڻو هئا:-

بلوچستان ۾ سنه ٣٢٩هه (٩٤٠ع) جي لڳ ڀڳ فارسي جي هڪ مشهور شاعره پيدا ٿي، جنهنجو نالو رابعه (I) بنت ڪعب القصداري هو. قصدار يا قزدار، توران علائقي (بلوچستان) جو دارالخلافه هو. اهو امر ثابت ٿو ڪري ته ان زماني ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ فارسي جو

(١) سپ کان پهرين ايراني بادشاهن مان دارا سنڌ کي فتح ڪيو ۽ قديم ايرانين جي حڪومت سنڌ تي ٣٢٥ ق م تائين رهي.

"فتح نامہ سنڌ" نالو رکيائين، جيڪو هاڻي چچ نامي جي نالي سان مشهور آهي ۽ ناصرالدين ابوالفتح قباچہ والي سنڌ جي وزير عين‌الملڪ حسين بن شرف الملڪ رضي الدين ابوبڪرالاشعري سان منسوب آهي.

ان بعد سنہ ٦١٨هہ (١٢٢١ع) ۾ محمد بن محمد بن يحيى بن طاهر بن عثمان العوفي، اُچ (سنڌ) ۾ مقيم هو ۽ اتي ڪتاب تذڪره "لباب‌الالباب" فارسي زبان ۾ تاليف ڪيائين، جنهن ۾ آل طاهر کان مؤلف پنهنجي زماني تائين ۽ آخر ۾ انهن علماء فضلا، شعراء جو ذڪر ڪيو آهي جي ناصرالدين قباچہ جي دربار سان وابستہ هئا. هي ڪتاب بہ قباچہ جي وزير عين‌الملڪ حسين جي نالي سان منسوب آهي. دربارِ قباچہ جي شعراء مان شمس‌الدين محمد ڪاتب بلخي، فضلي بخارائي ۽ ضياالدين سنجري جا نالا مشهور آهن.

تغلق دور جي آخري عهد ۾ شيخ عثمان سنہ ٦٣٨هہ (١٢٤٠ع) جي لعل شهباز جي نالي سان مشهور آهي. ايران مان سنڌ ۾ آيو هو، آذربايجان جي شهر مرند جو رهاڪو هو. سنڌ ۾ اچي، سيوهڻ ۾ آباد ٿيو. هي امر بہ قابل توجہ آهي تہ سنڌ ۾ فارسي ادب جو آغاز لعل شهباز جي اشعار کان ٿئي ٿو. سندس مقول ۽ مشهور غزل جا چند بند، جن مان وجد ۽ مستي نمايان آهي، سي حسب ذيل پيش ڪجن ٿا:

## غزل

زعشق دوست هر ساعت درونِ نار ميرقصم
گهي بر خاک ميغلطم گهي بر خار ميرقصم
شدم بدنام در عشقت بياري يارِ من اکنون
نمي ترسم ز رسوائي بهر بازار ميرقصم
بيا اي مطربِ مجلس سماع و ذوق را درده
کہ من از شادئ وصلش قلندر وار ميرقصم
منم عثمانِ مروندي کہ يارِ خواجہ منصورم
ملامت ميکند خلقي و من بردار ميرقصم.

قلندر شهباز سنہ ٥٣٨هہ (١١٤٣ع) ۾ تولد ٿيو ۽ ١١٢ سال عمر گذاري، سنہ ٦٥٠هہ (١٢٥٢ع) ۾ وفات ڪيائين. حسب ذيل قطعہ تاريخ سان بحساب جُمل ٽنهي سالن جا مادہ تاريخ نڪرن ٿا.

## قطعہ تاريخ

| | |
|---|---|
| بجو تاريخِ شمس‌الدينِ عثمان | بدرکن "رنج" از "فلکِ کرامت" |
| | ٧٩١ — ٢٥٣ = ٥٣٨ |
| سنِ عمرش "وليِ الله" وفاتش | سروش غيب ميگويد "برحمت" |
| ١١٢ | ٦٥٠هہ |

هاڻي اسين پنهنجي اصل موضوع تي اچون ٿا يعني سنڌ جا جيڪي ب فارسي گو حڪمران شاعر ٿي گذريا آهن تن جو مختصر احوال سندن ڪلام سميت حسب ذيل پيش ڪجي ٿو.

## ڄام نظام الدين سمون

ڄام نظام الدين عرف ڄام نندو سمي گهراڻي مان سنڌ جو بادشاهه هو. هن سن ٨٦٦هه کان سن ٩١٤هه (سن ١٤٦١ع - ١٥٠٨ع) تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. هي بادشاهه ديني دنيوي علومن کان واقف ۽ صوم و صلوات جو پابند ۽ غريبن مسڪينن جو رکپال سخي دريادل هو. پڻ شان و شوڪت، جاهه و جلال ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. هن جي عهد ۾ مدرسا ۽ خانقاهون آباد هيون. ڄام نندي جي دربار ۾ علماء فضلا ۽ شعراء موجود هئا. سرڪاري لکپڙهه بعد اڪثر سمورو وقت عالمائن جي صحبت ۾ بسر ڪندو هو، صاحب "مآثر رحيمي" کان منقول آهي تہ سموري هندستان ۾ هن جهڙو پرهيزگار ۽ صاحبِ فضيلت ٻيو ڪو بادشاهه ناهي. ڄام نظام الدين شاعر هو. حسب ذيل رباعي مان سندس دينداري نمايان ٿئي ٿي.

### رباعي

اي آنڪہ ترا نظام الدين مي خوانند     تو مفتخري ڪہ مرا چنين مي خوانند
گردر رهِ دين از تو خطائي رفتہ     شڪ نيست ڪہ ترا ڪافر لعين مي خوانند

## ميرزا شاهه بيگ ارغون

ميرزا شاهه بيگ عرف شاهه شجاع ابن ميرزا ذوالنون، سنڌ جو پهريون ارغون حاڪم هو. هن هڪ سال جو مختصر عرصو سنڌ تي حڪومت ڪئي. ماهه محرم سن ٩٢٧هه (سن ١٥٢٠ع) جي هي سنڌ جي حاڪم جي حيثيت سان فتح جو نقارو وڄائيندو اچي ٺٽي ۾ داخل ٿيو ۽ ماهه شعبان سن ٩٢٨هه (سن ١٥٢١ع) جي وفات ڪيائين. هي صاحبِ علم و فضل فرمانروا هو. حڪومت سان گڏ علم جي حصول خاطر عالمن جي صحبت ۾ وقت صرف ڪندو هو. هي دائما عبادت ۽ اطاعت الاهي ۾ مشغول رهندو هو. هن پاڻ خود قرآن مجيد جو تفسير لکيو، ازان سواءِ ڪافيہ جي شرح، حاشہ شرح فرائض سيد شريف، حاشہ شرح مطالع ۽ ٻين ڪيترن رسالن تي هن جا حاشا مشهور آهن. ميرزا شاهه بيگ شاعر هو، تخلص "نفسي" ڪيائين. سندس هڪ شعر هن هيٺ پيش ڪجي ٿو.

بگسل و پيوند ڪن خود را بہ از خود رستہ     ميوهٔ ڪز شاخ پيولدي بود شيرين ترست

## ميرزا شاهه حسن بيگ ارغون

ميرزا شاهه حسن بيگ ابن شاهه بيگ ارغون سن ٩٢٨هه (سن ١٥٢١ع) ۾ پيءُ جي وفات بعد نصرپور ۾ مسند نشين ٿيو. هن ٣٤ سال سنڌ تي حڪومت ڪري آخر رضا بقضا فالج جي بيماري ۾ مبتلا ٿي سن ٩٦٢هه (سن ١٥٥٤ع) ۾ لاولد ٿي وفات ڪيائين. ميرزا شاهه حسن

* مغرب جي پاسي وارو پٿر ۽ آثر واري پٿر وانگر سفيد آهي جنهن تي حسب ذيل ڪتبو لکيل آهي. هي پٿر ڊيگهه ۾ ساڍا اڻويهه انچ ۽ ويڪر ۾ ساڍا ٻارهن انچ آهي.

به عهد دولت فيروزشاه خسرو گيتي
که يزدان برسرير سلطنت بادا نگهدارش

برآن سلطان دين پرور برآمد اينچنين گنبد
کي آمد پيش پاي گنبد گردون دوارش

بسال هفصد و پنجاه و چهار از هجرت احمد
قبول بنده درگاه او سرمست معمارش

.................. گنبد ..................
کي باد از حضرت يزدان هزاران ........



ٽيليويزن اسٽيشنن تي براهوئي پروگرامن جو ڪافي حصو آهي. هفت روزه ”ايلم“ اخبار مطابق سنڌ ۾ ٻه ريڊيو ۽ ٽي. وي تي براهوئي زبان لاءِ مسئلو زير غور آهي. بلوچستان اندر ته يونيورسٽي تائين هيءَ زبان تعليمي سهوليتن لاءِ تسليم ٿيل آهي. هتان جي شعبه سنڌي وانگر بلوچستان يونيورسٽيءَ ۾ هن لاءِ الڳ شعبو ۽ اڪيڊمڪ ادارا آهن. جيئن ته هيءَ قوم سنڌ اندر ٻه لکن جي انداز ۾ آهي، ان ڪري بلوچي ۽ براهوئي زبانن جي گنجائش متعلق ڪم هلي ٿو.

مٿي براهوئي ادب جي تعارف متعلق جيڪي ڪجهه لکيو ويو آهي سو سمورو قديم ۽ وچولي دور سان واسطو رکي ٿو. جديد براهوئي ادب تي الڳ ڪتاب جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هزارن جي تعداد ۾ ڪتاب لکجي چڪا آهن. سنڌ بلوچستان اندر قائم ٿيل مختلف ادارا براهوئي زبان کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ اشاعتي ڪم ۾ مصروف آهن، انهن مان ڪجهه وڏيڪ قابلِ ذڪر ادارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

(١) براهوئي ادبي سوسائٽي جنهن جي سرپرستي محترم عبدالرزاق ”صابر“ سرپره (بروهي) جن ڪري رهيا آهن. هيڊ ڪوارٽر ڪوئيٽا اٿس.

(٢) براهوئي آرٽس اڪيڊمي ڪوئيٽا. سندس صدر جناب عبدالجبار ”يار“ صاحب آهي.

(٣) براهوئي ادبي ثقافتي سنگت جيڪب آباد. جنهن جو باني ۽ صدر محترم داد محمد”خادم“ بروهي صاحب آهي. موصوف گرانقدر ادبي خدمتون سرانجام ڏيون آهن. براهوئي سان گڏوگڏ سنڌي زبان جي خدمت ۾ به سرگرميءَ سان مصروفِ عمل آهي.

(٤) نامور شاعر ۽ اديب محترم جوهر بروهي صاحب جو علمي ادبي ادارو براهوئي پبليڪيشن فريدآباد تعلقو ميهڙ ضلع دادو.

(٥) مير رحيمداد خان مولائي شيدائي صاحب جي ياد ۾ قائم ڪيل ”بزم مولائي شيدائي“ جنهن جو قيام جناب حڪيم گلاب خان ”مهجور“ پندراڻي بروهي صاحب جي مرهونِ منت آهي. هيڊ ڪوارٽر محمد پور اوڊو تحصيل ڳڙهي خيرو ضلع جيڪب آباد اٿس.

(٦) محترمي عبدالڪريم ”تراب“ لاڙڪاڻوي صاحب جو علمي ادارو ”انقلابِ ادب“ به قابلِ تحسين آهي. حضرت تراب صاحب پنهنجي آل پاڪستان براهوئي ائسوسيئيشن ذريعي هن قوم ۾ سنڌي علمي رغبت پيدا ڪئي آهي. هيءَ ائسوسيئيشن قانوني طور رجسٽرڊ ۽ غير سياسي آهي.

---

# کھاٹیون

ٿوري وقت ۾ وڏي حويلي اڳين اوج کي وڃي پهتي. سڀني ڪمرن جي مرمت ٿي چڪي هئي. ٽائيل لڳي چڪا هئا ۽ فرش بندي ٿي چڪي هئي. ان کان سواءِ ڪجهه موجوده زماني جون سهوليتون به مهيا ٿي ويون، جن ۾ ايئرڪنڊيشنر، رنگين ٽي وي، سوئي گئس ۽ ريفريجريٽر به شامل هئا.

لڪشمي جي مورتي به نارائڻ ڪر جي هٿان مندر ڏانهن موڪلي وئي. ڪن ماڻهن اهو پڻ هُلايو ته خزانو جنهن جي چنوءِ ٻولا ٿي ڪئي، سو ان دريءَ ۾ هو، جنهن ۾ مورتي رکيل هئي.

لاڙڪاڻي جو منو واڻي منهنجي رڳ رڳ ۾ رچي چڪو آهي. لاڙڪاڻي مون کي جيئري جاءِ ڏني، جاءِ به جاين جهڙي - وڏي حويلي.



غلام رباني

# صبحِ ازل

ڏس تہ توکي خط لکڻ لاءِ ڪهڙو نہ بامعنيٰ ۽ خوشنما ليٽر پيڊ چونڊيو اٿم.
ڪنهن ڏاهي چيو آهي:

خوشتر آن باشد کہ سر دلبران
گفت آيد در حديث ديگران

(چڱو ائين آهي تہ دلبر جا راز
ٻين جي ڳالهين ٻولهين ۾ بيان ٿين.)

سو مون بہ مناسب سمجهيو تہ توسان مخاطب ٿيڻ لاءِ خط تي سڌوسنئون تنهنجو نالو لکڻ بدران ڪنهن خوبصورت تشبيه ۽ استعاري جي اوٽ وٺان. اهو خيال ڪري، جڏهن تنهنجي سرڪنڊڙ منهن جو تصور ڪيم تڏهن مونا ليزا کان مارلين مونرو تائين، دنيا جي دلربائن جا لالا دل جي دنيا ۾ تارن والگر جهرمر ڪرڻ لڳا. انهن مڙني ۾ هڪ نالو مون کي وڏيڪ وڻيو: اهو هو قرت العين - صبح ازل.

ايران ۾، جڏهن قاچاري خاندان جا بادشاهہ حڪومت ڪندا هئا، تڏهن حسن ۽ عشق جي هن سرزمين تي، هڪ پيڪر ناز جلوه افروز ٿي. سندس نالو هو قرت العين طاهره. قرت العين جي معنيٰ آهي اکين جو ٺار.

ايران جي شاعرن سندس سونهن جي ساراهہ ۾ ڪيئي قصيدا جوڙيا، جن کي پڙهي، وقت جو بادشاهہ، پرٺ دل وڃائي ويٺو ۽ قرت العين کي شاديءَ جو پيغام موڪليائين.

قرت العين جي سونهن رڳو گوريءَ رنگت ۽ خوبصورت منهن مهانڊي تائين محدود ڪانہ هئي. هوءَ بي انتها حسين هجڻ سان گڏ، سخت حساس ۽ اعليٰ پائي جي شاعره هئي. مجازي صفتن کان ڪڏهوڪو پاڻ ڇڏائي، ذات مطلق ڏانهن متوجهہ ٿي چڪي هئي ۽ قلندري طريقو اختيار ڪري، ميران پائيءَ وانگر نگر نگر ڦري رهي هئي.

# اڪادمي ادبيات پاڪستان

بنگلو نمبر ٣٦، اسٽريٽ نمبر ٤٨
ايف ٤/٨ــ اسلام آباد

## اڪادمي ادبي انعامات ـــ ١٤٠٣ هجري

اڪادمي ادبيات پاڪستان، ١٩- آڪٽوبر ١٩٨٢ع کان وٺي ٧- آڪٽوبر ١٩٨٣ع تائين (١٤٠٣ هجري) واري عرصي دوران اردو، پنجابي، سنڌي، بلوچي، پشتو، سرائڪي ۽ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل ادبي تنقيد، تحقيق، ناول، افساني، انشائيي، سفرنامي، طنز و مزاح ۽ شاعريءَ جي بهترين ڪتابن تي انعام ڏيندي.

اڪادمي پنهنجن وسيلن ذريعي، انهن ڪتابن بابت، جيڪي ان عرصي دوران شايع ٿيا آهن، معلومات جمع ڪري رهي آهي، تاهم اديبن، شاعرن، نقادن، محققن ۽ ادب جي عام پڙهندڙن کي پڻ درخواست ڪجي ٿي ته مٿينءَ عرصي دوران شايع ٿيل ڪتابن جا نالا ۽ انهن جي ناشرن ۽ وڪڻندڙن جي ائڊريسن جي ڄاڻ، جلد ڏين، جيئن اڪادمي کي ڳهرڀل تفصيل ۾ خاطرخواه واڌارو ٿي سگهي.

اهي انعام، طبعزاد ڪتابن لاءِ آهن. ترجما ۽ ترتيب شده ڪتاب، انعامن جي هن پروگرام ۾ شامل نه آهن.

**خالد اقبال ياسر**
ڊپٽي ڊائريڪٽر.

(پي. آءِ. ڊي، اسلام آباد، ٢٩/٢٥٥٥)



وفاقي وزير تعليم جناب ڊاڪٽر محمد افضل، ٥- آڪٽوبر ١٩٨٣ع تي، وفاقي مجلس شوريٰ هال اسلام آباد ۾، ٤- ڪُل پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس ۾ صدارتي خطاب ڪري رهيو آهي.





جناب غلام رباني، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، اهل قلم ڪانفرنس جي ٽين نشست ۾، "ادب ۾ ترجمن جي اهميت" جي
موضوع تي پنهنجو پيپر پڙهي رهيو آهي.



صدر مملڪت، جنرل محمد ضياءُ الحق، اختتامي اجلاس ۾، اڪيڊميءَ طرفان اولين قومي هجري ادبي انعام
(١٤٠١هه) ڏئي رهيو آهي. (١) جناب محسن احسان - شاعر مشرق علامه اقبال ايوارڊ، (٢) محترمه ڪرن فياض
(مرحومه خديجه مستور لاءِ) - بابائي اردو مولوي عبدالحق ايوارڊ، (٣) پروفيسر شريف ڪنجاهي (مرحوم پير
فضل گجراتي لاءِ) - وارث شاهه ايوارڊ، (٤) جناب حميد سنڌي، سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو "ويريون"،
شاهه لطيف ايوارڊ، (٥) جناب هاشم بابر - خوشحال خان خٽڪ ايوارڊ، (٦) جناب محمد اسماعيل همداني - خواجه
غلام فريد ايوارڊ، (٧) جناب سردارخان گشڪوري (جناب عزيز بگٽيءَ باران) مست طوق علي ايوارڊ،
(٨) جناب ڊاڪٽر عبدالرشيد تبسم - پطرس بخاري ايوارڊ.



صدر مملڪت جنرل محمد ضياءُ الحق، ٦- آڪٽوبر ١٩٨٣ع تي، وفاقي مجلس شوريٰ هال اسلام آباد ۾، ٻي ڪل پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس جي اختتامي اجلاس ۾ خطاب فرمائي رهيو آهي.



جناب طاهر حسين، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب اشفاق احمد، ميجر جنرل رٽائرڊ فضل مقيم خان، جناب حسين حامد حسان ۽ جناب سعيد احمد قريشي وفاقي سيڪريٽري تعليم، ڪانفرنس جي ڪاروائي ٻڌي رهيا آهن.



سنڌي اديب: جناب آغا نورمحمد پٺاڻ، جناب نفيس احمد شيخ، جناب ڪرم الاهي چنا، جناب پروفيسر قلندر لڪياري، جناب نياز همايوني، جناب غلام رباني ۽ جناب حميد سنڌي، ڪانفرنس جي ڪاروائي ٻڌي رهيا آهن.



جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جناب علي احمد بروهي، جناب عنايت بلوچ ۽ جناب حميد سنڌي، ڪانفرنس دوران ڪيفي ٽيريا ۾.



جناب نفيس احمد شيخ، جناب پروفيسر محمد اسحاق ابڙو، جناب قاضي خادم، جناب عنايت بلوچ ۽ جناب نياز همايوني ڪانفرنس جي موقعي تي اسلام آباد هوٽل ۾.

سنڌي ادبي بورڊ، فقير صاحب جي ڪلام ايڊٽ ڪرڻ جو ڪم جناب تنوير عباسي کي سونپيو هو، جنهن وڏيءَ محنت سان، سالن جا سال جفاڪشي ڪري، متعدد قلمي نسخا ۽ ماخذ پيٽي، فقير صاحب جو ڪلام مرتب ڪيو آهي جو تازو بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي.

فاضل مرتب ڪتاب جو سير حاصل مقدمو پڻ لکيو آهي، جنهن ۾ هن فقير صاحب جي سوانح ۽ حالات سان گڏ، سندس ڪلام تي ڀرپور اڀياس پڻ ڏنو آهي، جنهن ۾ صوفي شاعر جي زبان، مزاج، اسلوب، گهاڙيٽن، روالي، موسيقيت ۽ رومانويت کي اجاگر ڪيو اٿس.

”فقير خوش خيرمحمد جو ڪلام“، جو پيش لفظ سنڌ جي علم دوست وزير تعليم جناب جسٽس سيد غوث علي شاهه لکيو آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب ڄاڻايو آهي ته سچل نئشنل سيمينار ـــ ١٩٨٢ع جي موقعي تي عالمن طرفان ڏنل تجويزن مان هڪ اها ب. هئي ته سچل سائينءَ جي هر سال ميلي جي موقعي تي سچل سائينءَ جي ڪنهن نه ڪنهن طالب يا همعصر شاعر جو ڪلام شايع ڪيو وڃي، چنانچه سيمينار کان پوءِ منعقد ٿيل ميلي جي موقعي تي هي ڪتاب شايع ڪيو ويو.

ڪتاب خوش خيرمحمد هيسباڻيءَ جو ڪلام، ١٨٤ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن مان ٤٠ صفحن تي مقدمو آيل آهي. سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين سان گڏ هندي ڪلام پڻ ڏنو ويو آهي. سائيز ڊيمي، جاذب سرورق، قيمت اوچو ڪاغذ ويهه رپيا، سادو ڪاغذ پندرهن رپيا، بورڊ جي بوڪ اسٽال، ڄامشوري مان ملي سگهي ٿو.

## ٤ـ نانڪ يوسف جو ڪلام

سنڌ جي مشهور صوفي شاعر فقير نانڪ يوسف جو ڪلام، لائق اديب ۽ شاعر محترم تنوير عباسي مرتب ڪيو آهي ۽ ان کي سنڌي ادبي بورڊ، شايع ڪيو آهي.

فقير نانڪ يوسف، سنڌ جي عظيم بي باڪ صوفي شاعر حضرت سچل سرمست جو همعصر ۽ سندس طالب ٿي گذريو آهي، ۽ سندس مخصوص انداز بيان ۽ فڪر جو مقلد ۽ ترجمان.

فقير خيرمحمد هيسباڻي، روحل فقير، مراد فقير، فقير غلام حيدر، رڪيل شاهه، فقير ولي محمد خان لغاري ـ هن سٽ جا چند پيا نامور شاعر ٿي گذريا آهن، جن ۾ فقير نانڪ يوسف هڪ ممتاز درجو رکي ٿو.

فقير نانڪ يوسف جي فڪر ۽ فن تي حضرت سچل جي خيالن جي گهري ڇاپ آهي، ۽ فقير صاحب، پنهنجي فڪر جي بلندي ۽ روشنيءَ طبع سان الهن سيني موضوعن ۽ مضمونن کي وڻندڙ ۽ دلاويز انداز سان نباهيو آهي. سندس ڪلام ۾ ڪمال جو سوز و گداز ۽ روح پروري ۽ نغمگي آهي. موسيقيت ته هن سٽ جي سيني صوفي شاعرن جي حيات آفرين شعر جو معراج آهي. ڪلام جو مرڪزي نقطو آهي تصوف ۽ وحدت الوجود.

